



مُحبت بہ عجيب مامرو آهي. جي ٿي وڃي تہ روڳ. جي نہ ٿئي تہ ماڳهين اُن کان وڏو روڳ... جِن کي ملي. تِن جو بہ سِرُ ڪٽي ۽ جِن کي نہ ملي تہ اُهي تہ ڇڻ پاڻ کي جيئرو ئي ڪونہ سمجهندا آهن. عجيب ڪيفيت هُوندي آهي. لنئون لائڻ جي ۽ وري نينهن نِپائڻ جي سوچ جي. جيڪو الاءِ ڇو نِيڄي نہ سگهندو آهي. حياتيءَ جي دريءَ ٻاهران منظر ٽنجندا رهندا آهن. ڪڏهن نِگاهہ کين جهڻي ونندي آهي ۽ ڪڏهن وري سَمڪ ۾ ئي نہ ايندا آهن. "آواره مينهن ڪٽيون!" دل جي دريءَ مان ڏِٺل هڪ منظر آهي. جيڪو پاڻ پسائي بہ ٿو ۽ رکي رکي گُم بہ ٿي وڃي ٿو. اُهو بہ تہ ٻُڌندا آهيون نہ. تہ مُحبت ٿئي ئي نہ. جي ٿئي تہ وِڇڙي نہ. "آواره مينهن ڪٽيون!" اهڙو ئي هڪ داستان آهي. امرتا پاران اوهان سڀني لاءِ. اوهان جي اندر جي دري اوهان کي کهڙو منظر ڏيکاري ٿي.

_ امرتا سٽ

آوارہ مینھن کٹیون!

[ناولیٹ]

خادم حسین جروار

ارپنا

اُن جي نالي!
جنهن پُڇاڻان آئون اڪيلو آهيان!

♥

ڳوٺ جي وشال وٽن هيٺان گذرندڙ اُهي ڏينهن، شامون ۽ راتيون ڏاڍيون حَسين هونديون هيون! ڳوٺ جي شام خوبصورت پوپٽ جهڙي ۽ رات تارن سان پَريل هوندي هئي! آسمان جي وچ تي بيٺل چنڊ، جيڪو پنهنجي گهر مٿان پنهنجو ئي لڳندو هو!

مان هڪ ڳوٺاڻو عاشق هڪ ڳوٺاڻي محبوبا سان محبت ڪندو هئس! اُن ڳوٺاڻي محبوبا جي بدن جي خوشبو شهرن جي پَرفيوم سان وهنتل هزارين چوڪرين کان وڌيڪ وٽندڙ هئي!

مائٽن اُن جو نالو الاءِ ڪيئن 'روشني' رکي ڇڏيو هو ۽ هاڻ ته هو واقعي منهنجي اکين جي روشني بڻجي وئي هئي!

ڳوٺاڻي شام جو هُن سان ڏينڌ تي ملڻ ۽ ڪمال جو هوندو هو. اکين ۾ ڏسڻ، غور سان ڏسڻ، دل جون ڳالهيون ڪرڻ، چيڑائڻ، مذاق ڪرڻ، اُبتيون سُبتيون ڳالهيون ڪرڻ ۽ جڻ محبت جو اظهار هوندو هو!

۽ پوءِ مان اُن روشنيءَ جو ڳوٺ ڇڏي هليو ويو هئس!

***

هي جُدائيءَ ۽ ڪيڏي عذاب سان پريل هوندي آهي! جڻ ڪو زهر جو گلاس هجي! جيڪو اسان روز پيئندا هجون، جنهن جا نشا سڄي وُجود تي حاوي ٿي ويندا هجن! جيئري جاڳندي‌ءَ جي جدائي مرڻ جي جدائيءَ کان ۽ وڌيڪ عذاب ڏيندڙ هوندي آهي، پل پل جدائيءَ جي

چُهنڊڙي جڏهن روح کي لڳندي آهي تہ ماڻهو ويچارو پنهنجي اکين مان ڳوڙها وهائيندو آهي. چشمن جي شفاف پاڻي جهڙا ڳوڙها اکين کان دامن تائين جو سفر بغير کنهن بريڪ جي ڪندا رهندا آهن! ڪڏهن ڪڏهن تہ جُدائيءَ جا ڳوڙها دل روئندي آهي! اسان دنيا اڳيان وهندڙ اکين جي ڳوڙهن جو واتر بند ڪري ڪِلڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون ۽ اندر ئي اندر ۾ روئندا رهندا آهيون!

يادون ڪيڏيون نہ قاتل هونديون آهن! وسرنديون ئي ناهن! شايد جيڪڏهن يادون نہ هجن ها تہ ماڻهو پيارن کان جدا ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي نئين زندگي گذارڻ ۾ لڳي وڃي ها. پر هي يادون ڪٽي ٿيون نئين زندگي جيئڻ ڏين! هي يادون تہ ڪنهن ڪاريهر جي ڏنگ کان گهٽ ٿورئي هونديون آهن! ۽ مان انهن يادن جي ڏنگن جو ڪيڏو ماريل آهيان! شايد توهان جي تصور ۾ بہ نہ هجي! بي تڪلف يادون... بي پرواهہ يادون... بي وَڻيون يادون... عجيب يادون... بيڪار يادون... دل ڏکائيندڙ يادون... آواره يادون... اکين جي اسڪرين تي منظر ڪٽي ايندڙ يادون...پرين جون يادون... روئارينڊڙ يادون... پر مون کي تہ وري بہ پياريون ئي آهن!

زندگيءَ جي صبح کان شام تائين اسان بس وڃايل ئي هوندا آهيون. پر ڪنهن ڪنهن لمحي اسان کي وڃائجي وڃڻ جو بہ احساس ناهي ٿيندو. اهو تڏهن جڏهن اسان پنهنجن پيارن سان گڏ هوندا آهيون. انهن سان مرڪندا آهيون. انهن سان ٽهڪ ڏيندا آهيون. انهن سان روئندا آهيون. انهن سان مذاق ڪندا آهيون ۽ انهن سان زندگي جو سفر طئي ڪندا رهندا آهيون. پر جڏهن اهي پنهنجا پيارا ڪنهن وڃائجي ويل هارڙي وانگر وڃائجي ويندا آهن تہ بس اسان جي زندگيءَ جي ريل کي جڙ تہ بريڪ لڳي ويندو آهي. پوءِ اها زندگي جي هلندڙ ريل ڪنهن خراب گاڏي وانگر لڳندي آهي. جنهن کي پيا ڌڪيندا آهن!

بي وفا وقت، مون کي الاءِ ڪٽي کان ڪٽي وڻي ويو هو. پنهنجي پيارن کان الاءِ ڪيترو دُور، جڙ ڪنهن نئين دنيا ۾، ان نئين دنيا ۾ منهنجو پنهنجو ڪير به ڪونه هو. سڀ پراوا هئا. ڪروڙين ڇهرن کي ڏٺو هيم انهن ۾ مون کي پنهنجو ڪو به ڪونه لڳو هو. لڳو هيم ته انهن ڇهرن تي جدائيءَ جي دز چڙهي وئي آهي! گذريل ٻارنهن سالن کان مان خانه بدوش ٿي ويو آهيان! اڄ به امان جو ڇهرو ياد ايندو اٿم. بابا جو پيار، ننڍڙي ٻَبلي جي مرڪ ۽ پنهنجي پهرئين ۽ آخري محبوبا جي پهرين چُمي. پنهنجي گهر جي اڳڻ ۾ بيٺل نم جي وڻ ۾ ٻڌل هُن جي پينگهه. گهر جي ننڍڙي ڊُبي ۾ ترندڙ ننڍڙيون مڇيون. اسان جي گهر جي در تي ويهندڙ ڪُتو. ڪکاوان گهر. منهنجو پنهنجو ڳوٺ. ڳوٺ جو ڪچو رستو. ڳوٺ جي وڏي ۽ پراٽي پيپر جي وڻ هيٺيان راندیون رهندڙ ننڍڙا ٻار. انهن جي لاڏوئن جا خوبصورت رنگ. ڪچي رستي تي بيٺل بيد مشڪ جا ڊگها وڻ. ننڍڙي ۽ خوبصورت ڍنڍ. جيڪا مون کي پنهنجي محبت جي وَرسٽي لڳندي هئي! ان ئي ڍنڍ تي مون محبت جو باب ورجائي ورجائي پڙهڻ شروع ڪيو هيو! بابا جو ريڊيو ۽ ٻين الاءِ ڪيترين شين کي اڄ به مان وساري ناهيان سگهيو. اهي منهنجي اکين ۾ زنده آهن! اهي ڪڏهن به منهنجي اکين جي ڪئميرائن مان ڪو ڊليٽ ڪري نه ٿو سگهي. شايد مان پاڻ به نه!

***

جيڪڏهن ڪنهن زندگيءَ ۾ محبت ناهي ڪئي ته اهو عظيم ترين احساس کان محروم رهيو آهي. ان احساس کي مون به چکئي ڏٺو آهي. چکڻ کان پوءِ اُن جو ذائقو صدين تائين وسرڻ ته ناممڪن آهي. احساسن مان محبت جو ئي ته واحد احساس هوندو آهي. جيڪو زندگيءَ کي تبديل ڪري ڇڏيندو آهي. زندگيءَ جي هلندڙ ريل گاڏيءَ کي موڙ

کارائيندو آهي، محبت جڏهن اکين جي ڪئميرائن ۾ سيوَ ٿي دل ۾ رهڻ لڳندي آهي تہ بس اها اتي گهر ڪري ويندي آهي، هر شئي وانگر ڳوناڻي محبت بہ الڳ هوندي آهي ۽ ڳوناڻي محبت مون کي اَڇي اَڇي کير جهڙي لڳندي آهي، اُن ۾ ڪو بہ وڌاءُ ناهي هوندو، اُن جو تہ انداز ئي پنهنجو هوندو آهي.

***

هڪ ڏينهن ڳوٺ جي پاسي ۾ شام جو ننڍڙي ڍنڍ تي هُو پنهنجي ساهيڙين جي ٽولي ڇڏي، مون ڏانهن هلي آئي هئي ۽ پوءِ کوڙ ساريون ڪچهريون ٿيون هيون، ڍنڍ مٿان اڏامندڙ ڍڳهين ڳچين وارا پکي، ڪنارن تي بيٺل بي ترتيب ٻوٽا، وڻ، ڍڳها سرنهن جا ٻوڙا، وڻن جي ٽارين تي ويٺل ڳيرا ۽ ڳيريون، ڍنڍ ۾ ترندڙ سُڪل پيلا پن، ڪناري تي ويٺل هڪ عاشق ۽ ان جي محبوبا، بي انتها وڻندڙ منظر هو.

پڇيو هيومانس:

"روشني، تون ايتري خوبصورت ڇو آهين؟"

هُن جي چهري‌ءَ تي هلڪي مُرڪ جنم ورتو هو ۽ وري مون ئي هُن جي جواب کان اڳ چيو:

"تون تہ هڪ عظيم مصور جي ناهيل عظيم مورتي آهين!"

"واقعي ايتري خوبصورت آهيان؟" هُن وراڻيو

"تون ايتري خوبصورت آهين، جيتريون شايد ئي هرڻ جون اکيون خوبصورت هجن!"

مرڪندي وراڻيائين:

"اهو وري ڪيئن؟"

مون سندس چهري کي غور سان ڏسندي جواب ڏنو:

"تنهنجون هي وڏيون اکيون، جن ۾ ڪجل، وڏا وار، سنهڙن چپن تي رهجي ويل هلڪي گلابي سُرخي، هٿن ۾ چمڪندڙ چوڑيون، ڳِلهن جي وچ ۾ ڪِلڙ وقت پوندڙ ڇُڳهُ، هلڻ مهل تنهنجي پير جي پايل جا ڇِمڪا ۽ تون سڄي ئي ته سون آهين!"

۽ پوءِ هو خاموش ٿي وئي هئي، الاءِ ڪيترا پل ٻئي ڏينهن متان اڏامندڙ پکين کي ڏسندا رهيا هئاسين.

هُن پُڇيو:

"آڪاش تون منهنجو آهين نہ؟!"

"مرڻ گهڙي تائين" وراڻيومانس

"۽ مرڻ کان پوءِ!؟"

مون کي ٻاراڻو سوال لڳو هو.

"مرڻ کان پوءِ الله جو."

جواب ڏنومانس ته ڪجهه چوڻ بجاءِ ڪِلڙ لڳي، ٿهڪ ڏيندي رهي ۽ ٿهڪن دوران هُن جي ڳِلهن جي وچ تي پوندڙ ڇُڳهُ ڏسندو رهيس، جڏهن بس ڪيائين ته پوءِ پڇيومانس:

"ڇا اسان سڀ الله جا ناهيون؟"

هُن منهنجي سوال جو جواب نہ ڏنو. مان پريشان ٿيڻ بجاءِ ڪناري تان هڪ پٿر کڻي ڏنڊ ۾ اڇلايم ته هزارين لهرن جنم ورتو هو. هڪڙيون لهرون ڪناري تي پهچي پنهنجو وُجود وڃائي رهيون هيون ۽ ٻيون لهرون جنم وٺي رهيون هيون.

وري چيائين:

"مان تنهنجي ڇا ٿيندي آهيان!؟"

"تون ته بس منهنجي محبوبا آهين!"

وري به ٿهڪ ڏنائين

پُڇيومانس:

"توکي ٿھڪ ڏيڻ جي بيماري آھي ڇا؟ روشني"

"ٿھڪن جي بيماري ته ناھي، پر ٻُڌ مان تنھنجي سئوٽ ناھيان ڇا؟"

آئون حد کان وڌيڪ سيريس ٿي ويو ھئس!

"تون منھنجي محبوبا آھين ۽ ٻي ڪنھن بہ رشتي کي آئون نہ ٿو سڃاڻان"

"شايد تون چريو ٿي ويو آھين"

"جيڪڏھن مان توکي سڃاڻان ٿو ته تون ئي منھنجي محبوبا آھين! ٻي ڪجھ بہ ناھي، ته پوءِ جيڪڏھن مان چريو آھيان ته چريو ئي صحيح!"

ٻئي ڇڻا ڏنڊ تان اُٿي ڳوٽ ڏانھن خاموش اچڻ لڳا ھئاسين، ھُن جي اڳتي قدم کڻڻ سان جيڪا پويان ڪچي رستي جي مٽيءَ اُڏامي ٿي اھا بہ مون کي وٽندڙ لڳي ھئي، ھو پنھنجي گھر ڏانھن وڃڻ لڳي، مان پويان ڪيس دير تائين تڪيندو رھيو ھئس!

***

بابا سائين مزدوري ڪندو ھو، الاءِ ڪيتريون تڪليفون ڪاٽي مون کي انٽر ڪرايو ھيس، پر ھاڻ مون کان مزدوري ڪرائڻ بہ نہ چاھيندو ھو، چوندو ھو ته تون پڙھيل لکيل آھين، توکي نوڪري ملي ته اھا ڪر، پر نہ مون کي نوڪري ملي سگھي ھئي ۽ نہ ئي مان پنھنجي گھر جو گاڏو ھلائي سگھيو ھئس، مختلف پرائيوٽ اسڪولن ۾ ٽي چار ھزار روپين ۾ سڄو مھينو پڙھايو ھيم، پر انھن ٽن چئن ھزارن مان اڌ ته ڳوٽ کان شھر جو ڪرايو ٽي ويندو ھو، سڄو مھينو مٽو ھڻڻ کان پوءِ بہ ڪجھ ڪونہ بچندو ھو، اسڪول ڇڏي ڪڏھن ڪڏھن مال پڙين تي وڃي پرچيون ڪڍيندو ھئس.

***

بابا سائين جو ننڍو پاڻ، جنهن کي بابا مزدوري ڪري پڙهايو هو. پيٽ تي پٽيون ٻڌي ٻه بابا هُن جي پڙهائي جاري رکڻ لاءِ وڏا وس ڪيا هئا. جڏهن هُن کي نوڪري ملي هئي تہ هو الاءِ ڇا مان ڇا ٿي ويو هو.

سندس اولاد ٻہ ڪافي پڙهيل لکيل هو. پر اسان کان حال پڇڻ لاءِ ٻہ ڪڏهن اسان جي گهر ڪونہ ايندو هو. اسان جو گهر ڪچين ديوارن جو ٺهيل هو ۽ ڇت ڪاٺ جي پٽين جي ٺهيل هئي. جنهن ۾ اسان چار گهر ڀاتي رهندا هئاسين. امان، بابا، آئون ۽ منهنجي ننڍڙي معصوم ڀيڻ بَبلي. بَبلي جيڪا مون کي بي انتها مِڻي هئي. تنهن کي ٻہ مان ڪو ٻہ سک ڏيئي نہ سگهيو هئس. امان جنهن سڄي زندگي اڏ ماني کائي الله جا شڪرانا ادا ڪيا هئا. ان کي ٻہ ڪڏهن مان ڏئو تي ماني کارائي نہ سگهيو هئس. اهو بابا سائين جيڪو پنهنجي ڪلهن تي ادائي مڙن جون پوريون کڻي کڻي ڪلها گسائي ڇڏيا هئا. پر مان ان جي ڪلهن تان ٻہ بار لاهي نہ سگهيس. مان ڪجهہ ٻہ ڪري نہ سگهيس. ڪجهہ ٻہ نہ.

چاچا جي گهر اها هڪڙي ئي تہ منهنجي محبوبا روشني هئي. جنهن سان بي انتها محبت ٿي وئي هيم ۽ هو ٻہ چاچي جي سڄي گهرياتين کان وڌيڪ اسان جو خيال رکندي هئي. تڏهن تہ مون کي پنهنجي لڳندي هئي.

***

جون جولاءِ جي گرمين جي مند هئي. سال جي پهرئين مينهن وسڻ لاءِ پهريان ڪڪر اُپ تي چڙهي آيا هئا. شام جو وٽندڙ پهر هو. ڏگهين قطارن ۾ بينل انبن جا وڻ ڪڪرن کي ڏسي شايد خوش ٿي رهيا هئا. پکين ۾ خوشين جون لهرون ڊوڙي آيون هيون. انبن جي مٿان اڏامندڙ

جھرڪين جا ٽولا بي انتها خوش نظر اچي رهيا هئا. مان شام جو حَسين منظر ڏسندي ڪچي رستي تان پنهنجي گهر ڏانهن اچي رهيو هئس. آسمان ڪڪرن سان ڀرجي ويو هو. گوڙ جا ٽڪا ۽ ڪنوڻين جا چمڪا الاءِ ڪيترا ڀيرا ٿيا هئا. ڪچي رستي تي هلندي محسوس ڪئي هيم سال جي پهرئين مينهن جي پهرين ڪڻي. دل کي وٽندڙ لڳي هئي. ٿورو اڳيان هليو هئس ته وري تيزي سان ڪڻيون منهنجي جسم کي ڇُهي رهيون هيون. اڃان ٿورو اڳتي مس ويو هئس ته ڪڻيون وڏيڪ تيز ٿي ويون هيون. مان پُسڻ لڳو هئس. جڏهن تيز مينهن پوڻ لڳو ته مان ڀڄي رستي تي بيٺل هڪ ٻير جي وڻ هيٺان بيهه رهيو هئس. اڏامندڙ پکين الاءِ ڪٿي وڃي پناهه ورتي هئي. هاري ناري پنهنجي گهرن ڏانهن هليا ويا هئا. ڪيتري ئي دير بيٺو رهيو هئس. مينهن اڃان بہ وسي رهيو هو. انڌاري ٿيڻ لڳي هئي. ڪچي رستي هلڻ جي لائق نہ رهي هئي.

جڏهن ٿورو مينهن هلڪو ٿيو ته وڻ هيٺان نڪري آهستي آهستي هلڻ لڳو هئس. سڄو پسي ويو هئس. سڄي جسم مان پاڻيءَ ٽمي رهيو هو. نيٺ وڃي گهر پهتو هئس.

***

گهڻي رات تائين مينهن وسندو رهيو هو. اسان جو گهر جيڪو ڪچو ٺهيل هو. سو ته شام کان ئي ٽمي رهيو هو. امان ڪجهه ضروري سامان هڪ ننڍي لوهه جي صندوق ۾ رکي چڏيا هئا. پر اسان سيئي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيا هئاسين.

"مينهن بہ شام کان يڪو پيو وسي؟" امان چيو هو.

"الله سائين جي رحمت آهي. بس خير جو وسي. هندو مسلمان جو خير هجي؟" بابا وراڻيو.

گھٹي دير تائين ڏسندا رهيا هئاسين. ڪمريءَ ۾ رکيل ٻن ڪٽن تي مٽي ويٺل هئاسين. هيٺ پاٽي گڏ ٿي ويو هو. ننڍڙي پيٽ ببلي امان جي جهولي ۾ سُمهي رهئي هئي.

بابا کي چيو هيم:

"بابا سال جو پهريون مينهن آهي. پر ايڏو تيز الله خير ڪري؟"

"مينهن جي به پنهنجي مند هوندي آهي ٻچا. خير جو وسي بس"

وري سڀ جا سڀ خاموش ٿي ويا هئاسين. امان ببلي کي ڪٽي بابا جي جهولي ۾ سمهاريو هو ۽ پاڻ لوهه جي صندوق مان صبح واري ماني ڪڍي اڇي اسان جي سامهون رکي هئي. امان. بابا ۽ آئون ماني کائڻ لڳا هئاسين. رات ديرتائين مينهن وسندو رهيو هو.

***

اُن ڏينهن صبح جو چانهه ڪاڙهڻ لاءِ ڪانيون ئي نه هيون. رکڻ جي جاءِ نه هئڻ ڪري سڀ ڪانيون آليون ٿي ويون هيون.

بابا امان کي چيو:

"آڪاش کي ڪٽلي ۾ ڪنڊ پتي وجهي ڏي ته چاچي جي گهران ڪاڙهي اچي"

امان بغير ڪنهن جواب جي مون کي ڪٽلي ۾ چانهه پتي وجهي ڏني هئي ۽ مان بغير ڪجهه چوڻ جي چاچا جي گهر هليو ويو هئس. ويندي ئي وڃي روشني کي ڪٽلي ڏني هيم ۽ چيو هيومانس ته چانهه ڪاڙهي ڏي. هو مون کان ڪٽلي وٺي هلي وئي هئي. مان چاچا وارن وٽ ئي ويهي رهيو هئس.

اُن وقت ڏاڍو عجب لڳو هيم. جڏهن چاچا مون کان اسان جي گهر ۽ امان بابا جي باري ۾ ڪجهه به ڪونه پڇيو هو. خبر به هئس ته هنن جا گهر ڪکن جا آهن. ان هوندي به ڪجهه ڪونه پڇيس.

ٿوري دير ۾ ئي روشني ڪٽلي ڪٽي اچي مون کي ڏني هئي، ٿورو آهستي پچي ورتس:

"ماني ڪيئن پچائي اٿوَ؟"

"راتوڪي پئي آهي" وراڻيومانس

"تون پلان هتان کائي وڃ، تازي ماني پچائي اٿم"

"نہ بس هاڻ اتي وڃي کائيندس"

ائين چئي اٿي هليو آيو هئس، پهريون پيرو دل ۾ سوچيو هيم تہ ها واقعي روشني منهنجي پنهنجي آهي، تڏهن تہ مون کي ماني کائڻ جو چيائين، اندر ۾ ڪلي رهيو هئس.

❊❊❊

اها روشني تہ بس منهنجي اکين جي روشني بڻجي وئي هئي، جڏهن بہ هُن جي اکين ۾ ڏسندو هئس تہ محبت ئي محبت نظر ايندي هيم، هو پنهنجي سيني گهرياتين کان نرالي طيبعت جي مالڪ هئي، هُن جي دل صاف شفاف هئي، هُن جي خيالن ۾ وڏائي نہ هئي ۽ نہ ئي ڪو غُرور، مان تہ بس هُن جي محبت ۾ چريو ٿي ويو هئس!

اها روشني منهنجي پهرين ۽ آخري محبت هئي، جنهن سان ڳوٺ جي ڪچن رستن تي هلندي ڪچهريون ڪيون هيم، ڳوٺ جي پاسي واري ڍنڍ تي ۽ وڏن ۽ پوڙهن انبن جي وڻن هيٺان ويهي خوب ڪچهريون ڪيون هيم، منهنجي دل جي مندر ۾ هڪ روشني جي ئي تہ مُورتي هئي، جنهن جي مان صبح شام پوڄا ڪندو هئس! اها ئي تہ منهنجي سڀ ڪجهہ هئي، جنهن تي منهنجو ايمان پڪو هو!

❊❊❊

منجھند جو وري مينھن شروع ٿي ويو ھو. گھرن، گھٽين ۾ ھر طرف پاٽي ئي پاٽي ھو. ھاٽي اسان جي پريشاني وڌي وئي ھئي، وسندڙ مينھن ۾ بابا ببلي کي جھولي ۾ ويھاري ويٺو ھو. امان صندوق مان ٽالھ ۾ اٽو ڪڍي آئي ھئي، امان ۾ آئون ٻئي روشني وارن جي گھران ماني پچائڻ لاءِ ويا ھئاسين.

گھر ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ چاچي ۾ چاچي ڳالھايو ئي ڪونہ ھو. سندس وڏو پٽ پريان ويٺل ھو. اٿيو بہ ڪونہ. بس روشني امان کي چيو:

"چاچي ماني بچائڻ آيا آھيو؟"

"جي امان"

۾ پوءِ روشني امان کي ۾ مون کي پاڻ سان گڏ رڌڻي ۾ وٺي وئي ھئي، مون ڏٺو ھو روشني امان کي پاٽي ڪٽي ڏنو ھو ۾ ڪانيون ٻارڻ لڳي ھئي، امان چيس:

"امان آئون پاڻ ئي ٿي ڪريان"

"نہ چاچي آئون بہ خالي تہ ويٺي آھيان"

ڪانيون ٻاريندي رھي ھئي، امان ڪنڊ ھيٺ ڪري اٽو ڳوھي رھي ھئي، روشني منھنجي اکين ۾ ڏسي ٿورو مُرڪيو ھو ۾ مان جڙ گھبرائجي ويو ھئس، امان جي منھن تي يا ڪنھن بہ گھر ڀاتي جي منھن تي مون روشني سان ڪڏھن بہ ڪونہ ڳالھايو ھو.

اڄ روشنيءَ کي امان سان ڪم ڪرائيندي ڏسي دل کي ڏاڍو سڪون اچي ويو ھو.

***

منجھند جو ماني کائيندي بہ اسان مٽان مينھن وسي رھيو ھو. امان ببلي کي مينھن ڪٽين کان بچائڻ لاءِ ڪٽو پارائي چڏيو ھو. امان ننڍڙا ننڍڙا گرھ ٻَبلي کي کارائي رھي ھئي، ۽ گرھ ببلي کي کارائڻ کان

پوءِ هڪ گرهہ پاڻ کائي ٿي ورتس. بابا ءِ آئون ماني کائڻ کان پوءِ هٿ ڪڍي ويا هئاسين.

ويٺي ويٺي بابا پڇيو:

"اڃو باقي ڪيترو آهي؟"

"شايد ٻن ڏينهن جو ٿي ويندو." امان وراڻيو

"مزدوري ملڻ تہ مشڪل آهي. الله مالڪ آهي." بابا پريشان ٿيندي چيو

"بابا ميهار خان اڏون ٺهرائڻ لاءِ توهان کي چيو هو جو ٻہ ڏينهن جي مزدوري تہ ٿي ويندي" مون چيو.

"پڃا. هاڻ تہ مينهن پئجي ويو آهي. هاڻ ڇو اڏون ٺهرائيندو؟" بابا وراڻيو

مان ماڻ ٿي ويو هئس. ٿوري دير کان پوءِ چيم:

"بابا سياڻ آئون شهر ويندس. سياڻي مال پڙي جو ڏينهن آهي. وڃي پرچيون ڪٽيندس. ٿي چار سئو ملي ويندا"

"او آڪاش. مينهن جي موسم ۾ ڪير مال وڪڻڻ ايندو؟"

"وري ٻہ وڃي ڏسندس بابا"

"ٺيڪ آهي. تنهنجي ماءُ وٽ ٻہ ٿي سئو اڃان هوندا. پاڙو ڪري وڃجانءِ"

اسان سپ ماڻ ٿي ويا هئاسين. مينهن زور وٺي رهيو هو ءِ رات ويجهو اچي رهي هئي.

***

ببليءَ کي امان جي جهولي مان کڻي پنهنجي جهولي ۾ ويهاريو هيم. ڪلائڻ جي ڪوشش ڪئي هيم. ڪِت ڪِتوڙيون ڪيڻ تي هو ننڍڙا ننڍڙا ٽهڪ ڏيئي رهي هئي. پڇيومانس:

"تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

منهنجي منهن ۾ ڏسندي وراٽيائين:

"ببلي"

"اڇا تنهنجو نالو ببلي آهي، تون ڪنهن جي ببلي آهين؟"

"مان امان جي ببلي آهيان"

ڏٺو هيم تہ هُن کي ننڍ اچڑ لڳي هئي، ويٺي ويٺي جهوٽا کائي رهي هئي، ببليءَ کي ڪٽي امان کي ڏٺو هيم.

***

ائين ڪٽ تي ليٽيل هئس تہ اوچتو ننڍ اچي وئي هئي، سمهڑ سان ئي منهنجي اکين ۾ هڪڙو خواب لهي آيو هو، جڙ ڪو پکي هجي سمهندي ئي هليو آيو هوا! ان خواب ۾ ڏٺو هيم روشني کي، ها منهنجي پنهنجي روشني کي!

"او آڪاش" جڏهن سندس در وٽان گهٽيءَ مان گذري رهيو هئس تہ آهستي سڏ ڪيائين

"ها" ڏٺم تہ روشني هئي، منهنجا قدم ازخود بيهہ رهيا هئا.

"هيڏانهن اچ، اڄ گهر ۾ ڪير بہ ڪونهي"

مان هيڏانهن هوڏانهن ڏسي سندس گهر هليو ويو هئس، هُن مون کي پنهنجي ڪمريءَ جي بيڊ تي وڃي ويهاريو هو، سندس ڪمري ۾ سُهٽا سُهٽا ٽانوَ شوڪيز ۾ سٽيل هئا، در ۽ درين تي خوبصورت پردا لڳل هئا، پر ان کان وڌيڪ روشني مون کي اڄ انتهائي گهٽي وَٽِين رهي هئي.

"ڪيڏانهن پئي وَئين؟" پڇائين

"بس ڪيڏانهن نہ، هتي ئي" وراٽيم

"اڄ مان ڪيئن پئي لڳان؟"

"ڏاڍي خوبصورت ۽ پُرڪشش"

هُن شرمايو هو. مان بہ مرڪي پيو هئس. هو بيٺي بيٺي فرج مان پاڻيءَ جي بوتل ڪڍي. ان مان هڪ شيشيءَ جو گلاس پري منهنجي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو ۽ مان هڪ ساهي ۾ پيءَ ويو هئس. هُن بوتل واپس فرج ۾ رکي ڇڏي هئي.

"چاچا وارا ڪيڏانهن ويا آهن؟" پڇيومانس

"توکي هُنن سان ڪم؟" وراڻيائين

"نہ"

"تہ پوءِ بس"

"تون ڪڏهن مون کي پنهنجو ڪندي آڪاش؟" نماڻي انداز سان پُڇيائين.

ائين ئي چئي ڏنومانس:

"جڏهن تون چاهين؟"

"مان تہ چاهيان ٿي تہ تون مون کي هينئر جو هينئر پنهنجو ڪر"

مان ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيو هئس. هو بيڊ تي منهنجي پاسي ۾ ويهي رهي هئي!

راءِ ورتيمانس

"ناراض ڪونہ ٿيندي؟"

"ڇو؟"

"مان ڪا ڳالهہ ڪرڻ وارو آهيان"

"ڪهڙي؟"

"پهرين ٻڌاءِ مجيندي صحيح؟"

"ها. بابا مجيندس بس"

"ٻڌايان ڪونہ ٿو" عجب ۾ وڌجي وئي هئي.

"پوءِ؟"

"بس برداشت ڪجانءِ"

"هل پلا ٿيڪ آهي"

اسان جا چهرا ٻنهي کي بلڪل ويجها ٿي ويا هئا. هُن جي ساهن جا آواز مون کي تمام چِٽا ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا. هڪٻئي جي اکين ۾ غور سان ڏسي رهيا هئاسين. مون ڏسي ڏسي هُن جي اڇڙي ڳلهه تي هڪ چُمي ڏيئي ورتي هئي. اها ئي ته منهنجي محبت جي پهرين چُمي هئي!

❊❊❊

سڄي رات مينهن پوڻ کان پوءِ صبح جو ڪجهه وقفو ٿيو هو. مان سوير اٿي بغير ناشتي جي امان کي چيم:

"امان آئون مال پڙي تي ٿو وڃان. توهان وڃجو چاچا وارن جي گهران چانهه ڪاڙهي اچجو. ناشتو ڪجو."

"تون به ڪجهه کائي وڃ پٽ"

"نه امان. آئون سوبري پيو وڃان. مون کي پاڙو ڏيو."

امان مون کي صندوق مان پنجاهه روپين جو نوٽ ڪڍي ڏنو هو ءِ مان پاٽي وڃان پُسيل ڪپڙن سان مال پڙي ڏانهن وڃڻ لڳو هئس.

❊❊❊

شهر جي سواري ملڻ به مشڪل هئي. پر جيئن تيئن ڪري وڃي شهر پهتو هئس. مال پڙي تي ڪيترائي مجبور ماڻهو نظر آيا هئا. جيڪي مال وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪاهي آيا هئا. پر ونڊ وارو ڪير به ڪونه هو. هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ کان پوءِ به پرچيون ڪٽيون هيم. جنهن مان ڏيڍ سئو روپيا مليا هئا. ڏيڍ سئو روپيا کڻي گهر ڏانهن ورڻ لڳو هئس.

❊❊❊

گهر ايندي ئي ببلي چيو:

"ادا اچي ويو... ادا اچي ويو."

امان ۾ بابا مون ڏانهن ڏسڻ لڳا هئا. منهنجا سڄا ڪپڑا پُسيل هئا. تنهن ڪري ببلي کي ڪنيو نہ هيومانس. صرف ڳلهہ تي پيار ڪيوهيومانس.

"ابا. پڙي ۾ مزو هو؟" بابا پڇيو

"بابا. مال وڪرو ڪرڻ وارا تہ جام هئا. پر ونڊ وارو ڪير بہ ڪونہ هو" اکين ۾ ڏسندي وراٽيم

"ڪرائي جيترو خرچ نڪتو يا نہ؟"

"ها بابا بس ڏيڍ سئو روپيا کڻي آيو آهيان"

پاسي ۾ بيٺل امان الله جا شڪرانا ادا ڪندي چيو:

"ابا. اهيو بہ الله جو شڪر. هن مينهوڳي مند ۾ ڪير ٿو ڏيڍ سئو روپيا بہ ڪنهن کي ڏي؟"

"ها امان"

ننڍڙي ٽيلهي مان ڏيڍ سئو روپيا هڪڙا ۾ ويهہ روپيا ٻيا ڪڍي امان کي ڏنا هيم. امان ونڍي لوهہ جي صندوق ۾ رکي ڇڏيا هئا.

***

ياد اٿم اهو ڏينهن. جنهن ڏينهن تيز مينهن پئجي رهيو هو. ٻنيون ٻارا سپ هڪ ٿي ويا هئا. گهرن ۾ پاڻي بيٺل هو. مٽان ڪارا ڪڪر وسڻ لاءِ اڃا بہ ماندا هئا. آسمان ڇڻ ڪنهن ڏُکايل ماءُ وانگر روئي پيو هو ۾ بس ئي نہ ٿي ڪيائين. اسان جي گهر ۾ پاڻي بيٺل هو. اسان سيئي گهرياتي ٻن ڪٽن تي ويٺل هئاسين. مٽان ڪائين جي اڏيل ڇت مينهن جي اسپيڊ کان ٽورو گهٽ اسپيڊ سان وَسي رهي هئي. مون هڪ خالي ڪٽو کڻي پنهنجي مٽان وڃهي ڇڏيو هو. ڏٺو هيم امان مٿي آسمان کي ڏسي رهي

هئي. بابا وقفي وقفي سان ڪمري جي ڇت ڏانهن ڏسي رهيو هو ۽ ننڍڙي ٻيٽ امان جي جهوليءَ ۾ منهن لڪائي ويٺي هئي. مون ڏٺو هو ڪمري ۾ هڪ جِهرڪو ۽ هڪ جِهرڪي مٽي پُسيل ويٺل هئا. ماڻ ڪري ويٺل هئا. اهي به شايد مينهن بند ٿيڻ جي انتظار ۾ هئا.

اهو مينهن جو پنجون ڏينهن هو. مينهن کو ٿورو گهٽو وقفو ڪيو هيو. نه ته اڪثر وسي ئي رهيو هو.

امان بابا کي چيو:

"آڪاش جا پيءَ ڏس ڪو مينهن بيهي ٿويا نه؟"

بابا وراٽيو:

"الله ئي رحم ڪري. باقي مينهن بيهڻ جو نالو ئي نه ٿو ونئي"

بابا اٿي پانچا مٽي ڪري پاڻي ۾ گهڙي ٿورو پريان وڃي ڪمري کان ٻاهر ڏٺو هيائين ته ڪکر وسڻ لاءِ ايان به ماندا هئا. ڪٿان به ڪکر ٽٽل نه ٿي نظر آيا. بابا وري به پُسيل ئي اچي کٽ تي ويهي رهيو هو.

ماڻ ماڻ ويٺا رهيا هئاسين. اوچتو گوڙ جو ٽڪاءُ ٿيو هو. ببلي امان جي جهوليءَ ۾ چرڪ پريو هو. بابا ۽ امان جي چپن تي "الله خير" جا لفظ تري آيا هئا. مون اکيون بند ڪري چڏيون هيون. گوڙ سان گڏ ڪنوڙ جو جهٽڪو ڏيڃاري ويو هو.

امان ببلي کي کٽي سيني سان لڳايو هو ۽ بابا اچي منهنجي پاسي ۾ ويهي رهيو هو. ٽيلهيءَ ۾ سُڪل ماني جا پور مون. بابا ۽ امان بصر جي پِتيءَ کي مُڪ سان پيڃي کائڻ لڳا هئاسين. رات ٿي وئي هئي. ڪا شئي ڏسڻ ۾ نه اچي رهي هئي. بابا جي چارجر لائٽ ختم ٿي وئي هئي. اسان جي ڪٽن مٽان مينهن ٽم ٽم ڪندو ئي رهيو هو. پر مون کي ننڊ اچڻ لڳي هئي. مان سمهي رهيو هئس.

امان ۽ بابا سڄي رات جاڳندا رهيا هئا. اها خبر تڏهن پئي هيم جڏهن صبح جو امان ۽ بابا جون اکيون ڏٺيون هيم ۽ امان ٻڌايو هو ته سڄي رات تيز مينهن پئجي رهيو هو. اسان ويٺا ئي رهياسين.

***

صبح جو امان ۽ مان جڏهن چاچا وارن جي گهر ماني پچائڻ ۽ چانهه کاڻهڻ ويا هئاسين ته روشني پري کان ئي ڏسندي چيو هو:

"اچو چاچي" ۽ منهنجي اکين ۾ صرف نهاريو هُيائين.

پريان ويٺل چاچي امان کي چوڻ لڳي:

"اسان وٽ ته هاڻ کائيون ئي کونه آهن. اهڙي مينهن ۾ ڪٺان اچن کائيون. توهان ٻي ڪٺان ويجي اڄ ماني پچايو هتي ته کائيون ئي کونه آهن"

امان ٻيهه رهي هئي ۽ روشني پنهنجي ماءُ جي منهن ۾ ڏسي رهي هئي شايد دل ۾ چئي رهي هئي ته امان کائيون ته جام پيون آهن.

آئون ۽ امان واپس موٽي آيا هئاسين. پريان ويٺل چاچي هڪ اکر به کونه ڳالهايو هو.

***

گهر ايندي بابا کي ٻڌايو سين. بابا ماٺ ڪري ويهي رهيو.امان سامان وري به پنهنجي صندوق ۾ رکي ڇڏيو هو. مان وسندڙ مينهن جي بوند ۾ گهر کان ٻاهر نڪري پري وڃي. امان ۽ بابا جي نظرن کان لِڪي خوب وڃي رُنو هئس. منهنجي اکين مان وهندڙ لڙڪ مينهن ڪٽين ۾ ملي ٿي ويا. پنج ڇهه منٽ اکيون وسندڙ مينهن وانگر رُئنديون رهيون هيون ۽ پوءِ ماٺ ڪري اچي بابا جي پاسي ۾ ويهي رهيو هئس.

***

شايد شام ٿي وئي هئي، امان وري بہ سامان ڪڍي مون کي گڏ هلڻ لاءِ چيو.

"وري ڪنهن جي گهران ماني پچائڻ ٿي ويجين؟" بابا امان کان پڇيو

"ماسي اکو جي گهران" امان وراڻيو

"الاءِ اهي بہ پچائڻ ڏين، الاءِ نہ؟"

"وڃي ڏسان ٿي."

ءِ پوءِ آئون ءِ امان پاڻي وچان ماسي اکو جي گهر ڏانهن ويا هئاسين، مان ٻاهر ديڙ تائين بيٺو رهيو هئس، امان اندر وئي هئي، مون کي بيٺي بيٺي ڪجهہ دير ٿي وئي تہ پوءِ دل ۾ پڪ ڪئي هيم تہ امان ماني پچائي پئي، ڪيتري دير کان پوءِ امان ماني پچائي ڪٽي ٻاهر آئي هئي.

***

مون کي ڏاڍو ڏک ٿيڻ لڳو هو، هن مينهن جي موسم ۾ بہ ڪير ڪنهن جو ڪونهي، پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ آئي هيم، سوچيو هيم بابا مزدوري ڪري مون کي انٽر تائين پڙهايو تہ آهي، پر اها پڙهائي بہ ڪنهن ڪم جي ناهي، مان هڪ گهر کي نہ ٿو هلائي سگهان، منهنجو گهر ککن وارو آهي، جيڪو مينهن پوڻ کان پوءِ ٽمي ٿو ان ۾ پيل هر سامان پسي وڃي ٿو، منهنجي گهر ۾ ڪائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ناهي، جي بہ ٽي ڏينهن لاڳيتو مينهن پوي ٿو تہ اسان آزار ۾ پئجي ٽا وڃون، گهر ۾ پاڻي بيهہ ٿو رهي.

***

مون کي پنهنجي چاچي جي گهر وڃڻ کان هاڻ نفرت ٿي وئي هئي، بي انتها ڏک ٿيو هيم. جيڪڏهن ان گهر ۾ روشني نه هجي ها ته شايد ڏينهن قيامت تائين اُن گهر ۾ نه وڃان ها. بس اُن روشني جي ئي ڪري مون الاءِ ڪيتريون ڳالهيون برداشت ڪيون هيون. هو ته منهنجي هئي نه. ان ڪري شايد مان ان گهر سان ڳنڍائي نه ٿي سگهيس. هڪ ڏينهن روشني مون کي چيو هو:

"آڪاش، پنهنجي محبت ڪيتري سچي آهي؟"

وراڻيو مانس: "پنهنجي محبت ايتري سچي آهي، جيتريون مينهن جون ڦٽيون شفاف آهن!"

"آڪاش محبت جو احساس ڪيئن جنم وٺندو آهي؟"

چيومانس: "جڏهن هڪڙي جون اکيون ملي هڪ ٿي ويندیون آهن، دل ۾ ڪجهه محسوس ٿيندو آهي ته محبت جو احساس جنم وٺندو آهي"

سوالن مٿان سوال ڪندي رهي هئي

"مان تنهنجي ڇا ٿيندي آهيان؟"

"هڪ محبوبا!"

"ڇا مان تنهنجي سئوٽ ناهيان؟"

"سئوٽ کان وڌيڪ محبوبا جو رشتو آهي روشني"

الاءِ ڪيترا پل هو الاءِ ڇا سوچيندي رهي هئي، سندس اکين تي اڏري ايندڙ وار هو پنهنجي مخصوص انداز سان اکين تان پري ڪري رهي هئي ۽ مون کي ڏاڍي وٽي رهي هئي، مان ڪيس ڏسندو ئي رهيو هئس.

"روشني"

مون ڪيس نالي سان سڏ ڪري ڏيان ڇڪايومانس

"هونءَ" وراڻيائين

"چاچا سائين تنهنجو هٿ منهنجي حوالي ڪرڻ لاءِ راضي ٿيندو؟"

"ڪجھ نہ ٿو چئي سگھجي!"

"ائين وري ڪيئن؟"

"لڳي ٿو تہ هو ڪڏھن بہ تنهنجو هٿ منهنجي هٿ ۾ ڪونہ ڏيندو. چاڪاڻ تہ مان هُن جي غريب پاڻ جو غريب پٽ آهيان. مون وٽ ڪکن جو گھر آهي. مون وٽ هلائڻ لاءِ گاڏي ناهي. مون وٽ نوڪري ناهي"

"شايد آڪاش تون سچ ئي ٿو چئين. بابا جي تہ واقعي اوهان سان پوي ئي ڪانہ ٿي."

مان الاءِ ڪيترن پريشانين جي وڪڙن ۾ وکڙجي ويو هئس. هُن مون کي دلاسو ڏيندي چيو:

"مان تہ تنهنجي آهيان نہ بس"

"ءِ مان بہ تنهنجو آهيان"

هو هلي وئي هئي.

***

مينهن جو سلسلو جاري هو. اسان وٽ ڪائڻ لاءِ هاڻي ڪجھ بہ نہ بچيو هو. ڏاڍا پريشان ٿي ويا هئاسين. نہ بابا کي ڪا مزدوري ملي سگھي ءِ نہ مان ئي ڪٽان کو پئسن جو بندوست ڪري سگھيو هئس. هن موسم تہ پنهنجن کي بہ پرائو ڪري ڇڏيو هو. کو بہ پڇڻ وارو نہ هو. هرکو پنهنجي پيٽ ۾ قابو هو. اهو شام جو پهر هو. جڏهن تيز مينهن پئجي رهيو هو. آئون. امان ءِ بابا آسمان کي ڏسي رهيا هئاسين. هڪ وڏو ڪنوڻ جو تجلو ٿيو هو. ببلي ڇرڪ پري وئي هئي. بي پرواهہ مينهن اڳيان اسان بي وس هئاسين ءِ مينهن لڳاتار وسي رهيو هو.

***

اهو انڌاري رات جو وقت هو. اسان کٽن تي ويٺل هئاسين. امان جي جهولي ۾ ببلي ستل هئي. اوچتو تيز مينهن ۾ اسان جي ڪمريءَ مان هڪ ڪاٿي ڪري پئي هئي. بابا جي مٿي کان بچي وئي هئي. آئون هڪ ٽپ ڏيئي اٿيو هئس. امان ببليءَ کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي ڇڏيو هو. شايد ڇاتيءَ ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ٿي ڪيس. بابا اٿي ڪاٿيءَ کي ٿورو پاسي ڪري رکيو هو. اسان وري به ويهي رهياسين. سڄو ڪمرو ٿمي رهيو هو. هيٺ پٽ تي پاڻي ٻيٺل هو. هر شئي پُسي وئي هئي. بس جي بچي هئي ته اها امان جي لوهه واري صندوق هئي. جنهن ۾ ٿورو گهٽو جيڪو به سامان هو. اهو پاڻي کان بچي ويو هو.

شايد رات جا ٻه ٿيا هئا. ڪمري مان چار پنج پٽيون ڪري پيون هيون. بابا جي مٿان هڪ ڪاٿي ڪري. ڪلهي کان ٿوري رهڻ اچي ويس. امان ۽ ببليءَ جي مٿان ککن جو ڍير ڪريو. امان رڙ ڪئي. ڪو به پاڙيءَ مان لڙي هن انڌاري رات جو اسان وٽ ڪونه آيو هو. مان هڪ ڪاٿيءَ جي هيٺان ايندي ٿوريءَ تان بچي ويو هئس. پوءِ مون همت ڪري سڀ ڪاٿيون هيڏانهن هوڏانهن ڪري امان ۽ ببلي کي ٻاهر ڪڍي ورتو هو.

"بابا..." رڙ ڪئي هيم

"پريشان نه ٿيو" بابا وراڻيو هو.

پري کان ڏٺو هيم بابا ڪاٿين کي پري ڪري نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. امان ۽ ببليءَ کي ٻاهر وسندڙ مينهن ۾ ٻيهاري بابا وٽ ويو هئس. اسان ٻنهي ڪاٿيون پري ڪيون ته بابا ٻاهر آيو هو.

ببلي تيز تيز روئي رهئي. امان پنهنجي مٿي جي پوتي لاهي ببليءَ کي ويڑهي ڇڏيو هو. پر ببلي اڃان به پُسي رهي هئي. اسان سڀئي وري وڃي نم جي وڻ هيٺان بيهه باقي رات گذارڻ لڳا هئاسين.

❊❊❊

خيرن جو صبح ٿيو هو. مينهن جو وقفو هو. اسان وٽ ڪائڊ لاءِ ڪجهہ ڪونہ هو. سويري پاڙي وارن کي ڏنو هيم تہ ماسي اکو وارا بہ پنهنجو گهر ڇڏي ڳوٺ جي پڪي اسڪول ۾ وڃي رهيا هئا. بابا کي چيو هيم:

"بابا پاڻ بہ اسڪول ۾ هلي ويهون. جيستائين هي مينهن آهن؟"

"ها پٽ. هاڻ تہ هي گهر بہ ڪِري پيو. هاڻي ائين ئي ڪرٽو پوندو."

امان کي شايد اڃان بہ هي گهر ڇڏڻ لاءِ دل نہ ڇئي رهي هئي تڏهن تہ چيو هيس:

"ڪٿي هلي ڏکا ڪائيندا سين. پنهنجا ڪک تہ وري بہ پنهنجا آهن."

امان کي راضي ڪرڻ لاءِ وراڻيم:

"امان هتي مينهن ۾ جي پسندا رهيا سين تہ شايد پاڻ سڀ بيمار هوندا سين. اڳي بہ ڪائڊ لاءِ ڪجهہ ڪونهي وري جي بيمار ٿيا سين تہ ڪير پڇندو؟"

امان مات ٿي وئي هئي. مان بابا کان موڪل وٺي اسڪول ڏسڻ هليو ويو هئس.

❊❊❊

روشني وارن جي گهر اڳيان گذريو هئس تہ ڏنو هيم هو گهر واري گهٽيءَ ۾ بيهہ مينهن جو مزو وٺي رهي هئي. مينهن جي ڳٽين ۾ سڃي پُسي وئي هئي. سندس وارن مان بہ جڙ مينهن ڪٽيون وسي رهيون هيون. اڇڙن هٽن جي ترين تي مينهن ڪٽيون قيد ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش

ڪري رهي هئي. سندس بدن تي پاتل گلابي وڳو سڄو بدن کي چمبڙي ويو هئس ۽ لڳي رهيو ته هو فٽنگس جا ڪپڙا پهري ٻيئل هئي. الاءِ ڪيترا پل ٻيهه ويو هئس. پر وري ياد آيو هيم ته منهنجو گهر ڪِري پيو آهي ۽ مان اسڪول ۾ خالي ڪمرو ڏسڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان. ياد ايندي ئي اهڙي منظر کي ڇڏي مجبورن پاڻي ۾ هلڻ لڳو هئس.

***

جيئن تيئن ڪري مان وڃي اسڪول پهتو هئس. اتي مون کان پهرين الاءِ ڪيترا ڳوناٽا پنهنجو سامان کڻي پهچي ويا هئا. مون اسڪول ۾ پهچندي کو ڪمرو خالي ڏسڻ لاءِ اندر گهڙيس.

ايا مس در تي پهتس ته ڪنهن هڪل ڪئي

"او ڇورا کهڙو آهين؟"

اڳتي قدم کڻڻ کان پهرين وري پريان نهاريم. ڳوٺ جو ڇڪو مڙس هو.

"ڇا ٿو ڪرين؟"

"سائين ڪمرو ٿو ڏسان. جي ڪو خالي هجي ته اسان اچي هتي ويهي رهون. اسان جو گهر ڪري پيو آهي."

"هي ڏسين ٿو ته سڀ جا سڀ ويهي ويا آهن. هڪ ٻه ڪمرو خالي آهي سو ته منهنجا هاري ويهندا."

"سائين هي هڪ ڪمرو اسان کي ڏيو. بس مينهن کان بچڻ ٿا چاهيون. توهان اسان جو گهر ڏسي سگهو ٿا. اسان جو گهر صفا ڌهي پٽ ٿي ويو آهي."

"ڇڪو پر هي هڪڙو ئي ڪمرو ملندئي. جي ويهڻو اٿوَ ته جلد کان جلد سامان کڻي اچي ويهي رهو."

مون اُن جون مهربانيون مڃيون، تڪڙو تڪڙو پاڻي وڃان گهر هلو آيس.

٭٭٭

گهر پهچندي ئي امان، بابا ۽ آئون ڪکن کي ڏسندا هلڻ لڳا هئاسين. امان ببليءَ کي کنيو هو. مون اسان جي لوهه واري پيٽي کنئي هئي ۽ بابا گهر جو ٻيو ٿورو گهٽو سامان کڻي هلڻ لڳاسين. گهر کان ٿورو پري وڃي جڏهن مون پويان لوٽون هنيو هو تہ امان کي ڏٺو هيم تہ هو روئندي روئندي پويان گهر کي نهاري رهي هئي. مان وري بہ سڏو ٿي پاڻي ۾ هلڻ لڳو هئس. امان کي ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيو هئس. گهٽين ۾ وڏو پاڻي ٻيڙل هو. جيئن تيئن ڪري اسڪول پهتا هئاسين. اسڪول ۾ ڪيترا ئي گهر لڏي اچي ويهي رهيا هئا. اسان بہ هڪ ڪمرو اچي وسايو هو.

٭٭٭

مينهن ڪو ٿورو گهٽو وقفو ڪيو هو نہ تہ اڃان بہ مسلسل وسي ئي رهيو هو. سڄو ڳوٺ پاڻيءَ سان ڀرجي ويو هو. هر طرف پاڻيءَ ئي پاڻي هو. ڪي ڳوناٽا لڏي اچي اسڪول پهتا هئا. ڪي پنهنجن مائٽن جي پڪن ۾ گهرن ۾ هليا ويا هئا ۽ ڪي تہ وري ڳوٺ ئي ڇڏي ٻي ڪٿي نڪري ويا هئا. اسان تہ هن اسڪول ۾ ئي اچي پهتا هئاسين.

٭٭٭

اسڪول ۾ رهندي بہ اسان وٽ ڪائڻ لاءِ ڪجهہ ڪونہ هو. امان جي صندوق مان سامان ۽ پئسا سڀ ڪجهہ خرچ ٿي ويا هئا. پر اسان الاءِ

ڪيترن راتين کان ننڊ نہ ڪئي هئي، امان صندوق مان رلي ڪڍي پٽ تي وڇائي تہ اسان سڀ ان تي سمهي رهيا هئاسين.

***

اوچتو ننڊ جو جهوٽو اچي ويو هو ۽ اُن ننڊ جي جهوٽي اچڻ سان ئي هڪ خواب اچي دل جو در کڙڪايو هو.

اُن خواب ۾ ڏٺو هيم مان ڪينجهر ڪناري، ميل ڪن جي دُوري تان نوري ڄام تماچي کي ڏسي رهيو هئس، ڪنهن مهل ٻيڙيون منهنجي منظر ۾ خلل وجهي رهيون هيون، تہ ڪنهن مهل پڪين جون قطارون ڏنڊ مٿان اُڏامندي منهنجو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي رهيون هيون! ٿورو پريرو ڪجهہ ناريون مذاقن مان هڪ ٻئي کي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي ٻِٽا ٻِٽا ٿهڪ ڏيئي رهيون هيون! نوريءَ جو ڪو بہ مُهاڻو مون کي ڏنڊ تي نظر نہ آيو هو! سڀ جا سڀ الاءِ ڪيڏانهن هليا ويا هئا!

منهنجي ڪلهيءَ تي پويان ڪنهن جي هٿ جو ڇهاءُ محسوس ٿيو هو، مون پويان مڙي ڏٺو تہ روشني ٻيٽي هئي ۽ منهنجي اکين ۾ ڏسي ٿهڪن ۾ ٻُڏي وئي هئي، مون ڪيس ٻُڪ ۾ پاڻي ڪڍي ڇنڊا هڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هو ڪنهن ڊنل هرڻي وانگر ڊوڙڻ لڳي هئي! هُن تائين پُهچندي مون کي احساس ٿيو هو تہ منهنجي هٿن جي لڪيرن مان سڄو پاڻي وهي چڪو آهي!

"ڪينجهر ۾ ڪنهن کي پئي ڳولئي؟"

"نوريءَ کي؟" بنا هڪ جي وراڻيومانس

"لڏي؟"

"ڪونہ لڏي"

"پوءِ ايجا ڳولينڊس؟"

"نہ"

"چو نہ؟"

"چو تہ هاڻ منهنجي پنهنجي نوريءَ مون سان گڏ آهي"

هُن پنهنجي پُسيل پيرن مان نظر ڪڍي منهنجي اکين ۾ نهاريو ۽ مُرڪي پئي.

اسان ڪينجهر ڪناري تي هلندا، هڪٻئي جي اکين ۾ لهندا ويا هئاسين! هڪٻئي جي دلين جو شهر گهمندا رهيا هئاسين!

***

شايد ڪو ڪلاڪ ڪن آرام ڪيو هوندم، تہ وري خيالن مون کي جاڳائي ڇڏيو هو.

هي خيالن جي دُنيا بہ ڪيڏي عجيب هوندي آهي، ڪنهن ڪنهن مهل تہ خيال ساهہ کڻڻ بہ ناهن ڏيندا، الاءِ ڪِڻان کان ڪِڻان خيال گهي اچي ننڍڙي دماغ ۾ ديرو ڇمائيندا آهن، پوءِ انسان ويچارو انهن ۾ ويندو آهي جکڙجندو، ويندو آهي ڦاسندو، خيالن مان جان ڇڏائڻ بہ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي.

مان اڃي ويهي رهيو هئس، ڏٺو هيم پاسيءَ ۾ امان، بابا ۽ ببلي ننڍ ۾ هئا، مان اتان نڪري آيو هئس.

***

مينهن تہ بيهڻ جو نالو نہ ٿي ورتو، اڃان بہ وسي ئي رهيو هو، گذريل ٻارنهن ڏينهن کان ڪو ڪنهن مهل وقفو ڪيائين ٿي نہ تہ مسلسل وسي ئي رهيو هو.

***

هڪ دڪاندارن کي اچي منٿ ڪئي هيم. تہ مهرباني ڪري 100 ڪن جو اُڌارو سامان ڏي. جيئن مينهن بيهندو. ڪا مزدوري لڳندي تہ مان توهان کي ڏيئي ويندس. دڪاندار چيو:

"ڪٽان آڻيا ايترو سامان. جو سيني کي ڏيندو وڃان. هن موسم ۾ هرڪو چئي ٿو بس اوڌر ملي ڏي اوڌر ملي."

"سيٺ. هي ٿورا ڏينهن اهڙا آهن. آئون توهان کي اوڌر ڏيئي ويندس. مهرباني ڪريو. رات کان ڪجهہ ڪونهي کاڌو"

دڪاندار منهن پٽي ورتو:

"جي توهان رات کان ڪجهہ ڪونهي کاڌو تہ پوءِ ان ۾ ڏوهہ منهنجو آهي؟"

"نہ نہ سيٺ نہ. ائين ڪونهي. توهان جي مرضي پلا"

سيٺ ٿورو تيز ٿي ويو هو

"منهنجي مرضي اهيا آهي تہ مون کي معافي ڏي. آئون توکي سامان نہ ٿو ڏيئي سگهان."

ءِ مان بيهہ بيهہ واپس هليو آيو هئس.

***

اسڪول ايندي ڏٺو هيم تہ امان. بابا ءِ ببلي اڃان ستل هئا. اسڪول ۾ ڪيترا ئي ماڻهو ايندا ويندا رهيا هئا. مان وري بہ ڪمري ۾ ويهڻ بجاءِ اسڪول جي پوئين پٽ کان لِڪي وڃي بيٺو هئس.

روئڻ شروع ڪيو هيم. رنو هئس. ڏاڍو رنو هئس. هي دل ڪيڏي نہ نازڪ هوندي آهي. هن دل کي بہ ڪير سمجهائي. الاءِ ڇو روئي ڏيندي آهي. لڙڪ ڪرندا رهيا هئا. ماڻهن کان لِڪي بيٺو هئس. روئڻ تہ جڙ منهنجي عادت بڻجي ويو هو. پنهنجن جي حالت هاڻ مون کان ڏٺي نہ ٿي ٿِي. بس دل تي پٿر رکي هلي رهيو هئس. ڪيڏو ڏکيو هوندو آهي. پيٽ

پالڙ بہ هن دنيا ۾! ڪيڏي عذاب جي گهڙي هوندي آهي ٻي جي اڳيان هٿ ٽنگهڙ! ڪيڏو مجبور هوندو آهي انسان پئسي کان سواءِ!

مينهن...مينهن تہ بيهڙ جو نالو ئي نہ ٿي ورتو.

روئي روئي وري اسڪول جي ڪلاس ۾ موٽي آيو هئس. سپ جا سپ ستل هئا. ٻہ منٽ مس وڃي ويٺو هئس تہ بابا اکيون کولي مون ڏانهن ڏٺو هو. مان وينل ئي هئس.

"ڪيڏاهن ويو هئين آڪاش؟" بابا چيو

"نہ بابا ڪيڏانهن ڪونہ ويو هئس." وراڻيومانس

روئڙ جي ڪري ڪجهہ آواز تبديل ٿي ويو هو. پر پوءِ وڏي ڪوشش سان بابا کي ڪجهہ بہ محسوس ٿيڙ نہ ڏنو هيم.

ڪن پل جي خاموشيءَ کان پوءِ بابا اٿي ويهي رهيو هو. اسان ڪجهہ بہ ڪونہ ڳالهايو هو. امان ۽ ببلي اڃان بہ ستل هيون. بابا اٿي چپل پير ۾ ڪري الاءِ ڪيڏانهن هليو ويو هو ۽ مان ڪائنس پڇي بہ نہ سگهيو هئس تہ بابا توهان ڪيڏانهن ٿا وڃو؟

***

سامهون واري ڪمريءَ ۾ پاڙي وارا ماني پڇائي کائي رهيا هئا. مون کان رهيو نہ ٿيو. رلي تان اٿي ويهي رهيو هئس.

سوچي سوچي پاڙي وارن وٽ هليو ويو هئس. ڪجهہ گهرڙ لاءِ شرم پئي آيم. ڪجهہ چئي نہ ٿي سگهيس. پر وري بہ گهر وارن جي اهڙي حالت مون کان ڏٺي نہ ٿي ٿِي.

"احمد" چوڪري کي سڏ ڪيم

احمد هليو آيو هو.

"توهان جو بہ گهر ڪري پيو آهي چا؟"

"ها آڪاش، ڪچو گھر ھو برسات ٻيھي ئي ڪونہ پئي، تہ اسان ٻہ ھيڏانھن نڪري آياسين، توھان ڀلا؟"

"اسان جو تہ گھر ڪري پيو آھي يار، سو اچي ھتي وينا آھيون."

"اڇا"

"احمد ڀاءُ ھڪ ڪم ھو تو ۾؟"

"ٻڌاءِ؟"

"ڀاءُ ڪلھ رات کان اسان ڪجھ پچايو ڪونھي، مزدوري ملي ڪونھي، سو جيڪڏھن ڪلوا تو ڏيئي سگھو تہ مھرباني ٿيندي."

ڪجھ دير سوچيائين پئي، وري چيائين

"ھا ٻيھ ڀلا ڏسان ٿو."

ھو ڪمري ۾ اندر ھليو ويو ھو ٿورو انتظار ڪيم، ايندي چيائين

"آڪاش، ڀاءُ اتو تہ آھي ئي ڪونہ، امان چئي ٿي تہ ھي ٻہ مانيون آھن"

ھُن مون کي ٻہ مانيون ڏنيون ۽ مون سندس مھرباني لاءِ چيو:

"اھيا ٻہ مھرباني ڀاءُ"

مجبور ھٿن سان اھي ٻہ مانيون ورتيون ھيم، چاھيو ھيم تہ ھنن مانين وٽ کان پھرين منھنجا ھي ھٿ ڪتجي ڇو ڪونہ ويا ھئا؟ پر وري ٻہ ببلي ياد آئي ھيم تہ مانين کي قابو جھليو ھيم.

***

ٻہ مانيون وٽي پنھنجي ڪمري ۾ ھليو آيو ھئس، ڪجھ دير ويھڻ کان پوءِ امان ۽ ببلي ٻہ اٿي ويون ھيون، مون ٻئي مانيون امان کي ھٿ ۾ ڏيئي ڇڏيون ھيون.

امان مانيون وٽي پڇيو:

"ڪنھن کان وٽي آيو آھين؟"

"امان پاڙي وارا پاٽهي ڏيئي ويا آهن."

امان منهنجي اکين ۾ غور سان ڏٺو ۽ چيو:

"پاڙي وارن کي الله سائين اجر ڏيندو"

۽ پوءِ امان هڪ ماني مان ننڍڙا ننڍڙا گرهه ببليءَ کي پاٽي سان پُسائي کارائي رهي هئي.

"آڪاش تنهنجو پيءَ ڪيڏانهن ويو؟" امان پڇيو

"امان بابا ٻڌاءِ ڪونه ويو آهي. اڏ ڪلاڪ ڦهرين ٻاهر نڪتو آهي"

پوءِ اسان ماڻ ٿي ويا هئاسين. ٻاهر مينهن پئجي رهيو هو.

❊❊❊

بابا موٽيو تہ مون ڦهرين سندس هٿن ۾ ڏٺو ۽ شايد امان بہ هٿن ۾ ئي ڏٺو. هٿن ۾ ڪجهه ڪونہ هو. بابا اڇي ويهي رهيو هو. ببليءَ کي ماني کائيندي ڏسي امان کان پڇيائين:

"ڪٿان آندئي اٿي ماني؟"

"پاڙي وارا ڏيئي ويا آهن" امان وراڻيو

"جيڪڏهن توهان کي فقير ٿي پنڌو پوي نہ. تڏهن بہ منهنجي ٻاڻ جي در تي نہ ويججو!"

بابا ٿورو گرم ٿي ويو هو. مون کي پڪ ٿي وئي هئي تہ بابا پنهنجي ننڍي ٻاڻ ۽ روشني وارن جي گهر شايد ڪجهه اوڌارا پئسا يا اوڌارو سامان ونڻ ويو هو ۽ انهن خالي موٽائي ڇڏيو اٿس.

"آهي تہ منهنجو ننڍو ٻاڻ پر بي جو ٽڪو بہ احساس ڪونهيس" بابا جو آواز تبديل ٿي ويو هو. بابا سڏڪڻ لڳو هو.

"مان بہ سندس در تي آخري پيرو ويو هئس."

بابا روئي ڏنو هو. پريان ڏنو هيم تہ امان جي اکين مان بہ لڙڪ ڪرڻ لڳا هئا. مان اٿيو هئس. ڪمري جو در بند ڪري ڇڏيو هيم. اچي بابا کي پاڪر پاتو هيم تہ بابا هيڪر وڏيڪ روئڻ لڳو هو. روئندي روئندي مون کي چنبڙي ويو هو. الاءِ ڪيستائين اسان هڪٻئي ۾ چنبڙيل هئاسين. بابا روئندو رهيو هو. مان پنهنجي اکين جا لڙڪ هڪ هٿ سان اگهي رهيو هئس. پريان امان بہ روئي رهئي هئي.

مون وٽ ڪو بہ دلاسو ڪونہ هو. جيڪو مان بابا ءِ امان کي ڏيئي ماڻ ڪرائي سگهان ها. بس خاموش ٿي ويا هئاسين.

ٿورو وقت گذرڻ کان پوءِ اسان جا سُڏڪا ازخود بند ٿي ويا هئا ءِ باهر تيز مينهن پئجي رهيو هو.

***

ٻن مانين مان اڏ ماني ببلي کائي ورتي هئي ءِ باقي ڏيڍ ماني امان بابا ءِ منهنجي سامهون رکي هئي. بابا چيو:

"هي ماني بہ ببليءَ لاءِ رکي ڇڏ"

"هنيئر اڏ ماني کاڏي اٿس. هاڻ ڪونہ کائيندي" امان وراڻيو

"پلا هي اڏ ماني وري بہ رکي ڇڏ."

بابا ڏيڍ ماني مان اڏ ماني کڻي امان کي ڏني. امان ماني ونڊي رکي ڇڏي هئي. باقي هڪ ماني مان مون. بابا ءِ امان کي ٽي ٽي گرهہ کنيا هئا. رات ٽيڻ لڳي هئي. رات وري بہ رات هوندي آهي. جي ننڊ اچي وڃي تہ پوءِ بس. ڇڻ تہ ماڻهو بک کان پاڻ کي لِڪائي ونڊندو آهي. رات جو پنهنجي ڪمري جو دروازو بند ڪري گگهہ انڌاريءَ ۾ سُمهي رهيا هئاسين. باهر مينهن پئجي رهيو هو.

***

مينهن ته هاڻ اسان کي ڪنهن به پاسي جو نه ڇڏيو هو. اهڙو مينهن ته مون ڪنهن به سال نه ڏٺو هو. رب پاڪ جي رحمت کي به پلا ڇا ٿو چئي سگهجي. اسان ته بس هاڻ ڪنهن پاسي جا نه رهيا هئاسين. اکيون سُڄي دڙا ٿي ويون هيون. پريشانين ۾ مبتلا ٿي ويا هئاسين. کائڻ لاءِ ڪجهه ڪونه پچيو هو. مزدوري ملڻ به هن وقت اسان لاءِ تمام گهٽو مشڪل هو. هن دنيا ۾ پيٽ پرڻ به ڪنهن ڪنهن وقت ڪيڏو ڏکيو ٿي ويندو آهي! اسان ته هاڻ ڪنهن کوهه جي تري ۾ پئجي ويا هئاسين. هن دنيا جي ماڻهن جا احساس به ته هاڻ برف ٿي ڇڪا آهن! ڪير به ڪنهن جو ڪونهي. ڪو به مسئلو هل ٿيڻ مشڪل هو. مان ته جڙ عذاب ۾ اچي ويو هئس. امان. بابا ۽ ببلي جي بک هاڻ مون کان برداشت نه ٿي رهي هئي.

***

اسان جي ڪمري ۾ پارڻ لاءِ ڪا به چلهه ڪونه هئي. ماني لاءِ اٽو ڪونه هو. ونڊ لاءِ پئسا ڪونه هئا. مان ايترن درن تان واپس وري آيو هئس. پر وري به دل کي چين نه پئي آيو. صبح سويري جو وقت هو. مون کان به رهيو ڪونه ٿيو. ماڻ ماڻ ڪري اٿي سڏو هليو ويو هئس. الاءِ ڪِٿان ڪِٿان ٿي آيو هئس. پر ڪِٿان ڪا ڪاميابي نه ملي هئي. دل ويتر دردن ۾ پرجي وئي هئي. امان ۽ بابا کي منهن ڏيکارڻ جهڙو نه رهيو هئس. منهنجي اندر ۾ ودِ پئجي رهيا هئا. جيڪي مسلسل برداشت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئس.

***

اهو الاءِ ڪهڙو وقت هو جو امان مون کي پنهنجو چاندي جو هيرو صندوق مان ڪڍي ڏنو هو ۽ چيائين ته وڃ شهر ۾ وڪٽي پئسا وٺي اچ ته

گذارو ڪريون. بابا ماڻ ڪري ڏسي رهيو هو. ڪجهہ ٻہ ڪونہ ڪچيائين.

"امان هي توهان ڪيتري ۾ ورتو هو؟" امان کان پڇيم

"شايد ڪوٽي سئو پنجاهہ روپين ۾ ورتو هيم. هلڪڙو آهي سو سستو آهي. وري ٻہ وڃي ڏس من ٻہ سئو ڪري وڃي تڏهن ٻہ پنهنجو ٻہ ٽي ڏينهن گذارو هلي ويندو. جيستائين الله ڪندو تہ مينهن ٻہ ٻيهہ ويندو."

"ٺيڪ آهي امان."

***

مان هيرو ڪٽي شهر روانو ٿيو هئس. پيرين پنڌ شهر جو سفر ڪيو هيم. هر طرف پاڻيءَ ئي پاڻي هو. شهر ۾ سونارن چاهيو پئي تہ هن وقت ماڻهن جي مجبوري آهي. جيڪا شئي اڌ موڙيءَ ۾ ملي تہ ڇگو آهي. ڪيترا دڪان رليو هئس. پر ڪير ٻہ هڪ سئو ٽيهہ روپين کان مٿي ڏيڻ وارو ڪونہ هو. گهٽن ئي دڪانن تي ڏيکاريو هيم هڪ دڪان تي وڃي هٽي سٽي ڏيڍ سئو روپين ۾ ڏنم. ڏيڍ سئو ڪٽي ڪيسيءَ ۾ قابو ڪري رکيا هيم. شهر مان ٻہ ڪلو اٽو اسي روپين ۾ ورتو هيم. ڏهہ روپين جي ببلي جي شئي ورتي هيم ۽ باقي ڪجهہ پئسا ڪرايو ڪري گهر آيو هئس.

گهر ايندي ئي امان اٽو ڪٽي پاسي واري ڪمري ۾ چلهہ تي وڃي ماني پچائڻ لڳي هئي. ببلي الاءِ ڪيترن ڏينهن کان پوءِ شئي ڏٺي هئي. سو ڏسي ڏاڍي خوش ٿي هئي. بابا پڇيو هو:

"ڪيتري ۾ هيرو ويو؟"

"بابا ڏيڍ سئو روپين ۾" وراڻيم

بابا ماڻ ٿي ويو هو. امان ماني پچائي آئي هئي. اسان ڪجهہ ماني کائي ڪجهہ بچائي رکي ڇڏي هئي.

***

ياد ڪيو هيم پنهنجي روشني ڪي، اها به هن موسم ۾ مون کان ڇڻ ايترو پري هئي، جيترو دريا جو هڪ ڪنارو ٻئي ڪناريءَ کان پري هوندو آهي، هُن جو به ڏوهه ڪونه هو، هن موسم ۾ ڪنهن به ٻهاني گهر کان نڪري نه ٿي سگهي، جي نڪري به اچي ها تڏهن به اسان گهر ڪونه هئاسين، هونءَ عام ڏينهن ۾ ته چوري چوري ڪڏهن ڪڏهن پئسا به مون کي لڪائي ڏيئي ويندي هئي، پوءِ مان پيو ڪوٺ واڌ ۾ گذارو ڪندو هئس، پر هاڻ ته روشني به پري ٿي وئي هئي، اُن جو آسرو به ڪونه هو، پر اڄ مون کي ڏاڍو ياد اچڻ لڳي هئي!

***

اسڪول مان ٻاهر نڪتو هئس، ٻنين ڏانهن هليو ويو هئس، مينهن وسندو ئي رهيو هو، ڪجهه نوَن ماڻهن کي ٻنين تي گهمندي ڏٺو هيم ته انهن ڏانهن هليو ويو هئس، انهن سان گڏ هڪ ڳوناٽي هڪ آفر ڏني

"آڪاش"

"جي"

"هو پريان واريءَ جي دڙيءَ تي هينئر ڪُنڀِيون ٿيون هونديون، ڪٽي اڄ ته هنن مهمانن کي کارايون، توکي آئون خرچي ڏيئي ڇڏيندس."

مان ڏاڍو خوش ٿيو هئس، ها ڪري هليو ويو هئس، واريءَ جو هڪڙو ئي دڙو هو، جنهن تان ڪجهه تعداد ۾ ڪُنڀِيون ڳولي اچي ان همراهه کي ڏنيون هيم ته ان مون کي پنجاهه روپيا ڪڍي ڏنا هئا، منهنجي روزيءَ جو بندوبست ٿي ويو هو، گهر وڃي امان ۽ بابا کي ٻڌايو هيم ته انهن جي چهرن تي به خوشيءَ جي لهر ڏٺي هيم.

***

ٻي ڏينهن گهر اهو چئي نڪتو هيس تہ آئون واريءَ جي ڏڙيءَ تان ڪُنڀيون ڪٽي وڃي ڪنهن هنڌ وڪٽي ايندس. ائين چئي وسندڙ مينهن ۾ واريءَ جي ڏڙيءَ تي پهتو هئس. تہ پريان ان واريءَ جي ڏڙي واري زمين جي مالڪ هڪل ڪئي ۽ چيائين تہ هتان ڪُنڀيون نہ ڪڍ. هل هتان هل. پوءِ خالي هٿين وري موٽي آيو هئس.

واپس ايندي هڪ اڪيلي انب جي وڻ هيٺان بيهہ خوب رُنو هئس. روئي روئي ڏئو ڪري پاڻي وڃان اسڪول ڏانهن هلڻ لڳو هئس.

***

ٻہ ڏينهن تہ وري بہ گذري ويا هئا. پر ٽئين ڏينهن وري بہ اسان وٽ ڪائڻ لاءِ ڪجهہ ڪونہ هو. مينهن اڃان بہ پئجي رهيو هو. مان ڏاڍو پريشان ٿي ويو هئس. امان ۽ بابا کي اهڙي تڪليف ۾ هرگز ڏسي نہ ٿي سگهيس. مون هاڻ تہ ڪو بہ در ڪونہ ڇڏيو هو. هر پاسي کان ڪوشش ڪئي هيم تہ ڪو نہ ڪو نہ بندوبست ٿئي تہ وري هڪ ٻہ ڏينهن گذارو هلي وڃي. اسان جي گهر جو خرچ بہ ڪهڙو هو. صرف اٽو ئي تہ هوندو هو. ڪڏهن ڪچي بصر سان تہ ڪڏهن پاڻيءَ سان بہ ماني ڪائي الله تعاليٰ جا شڪرانا ادا ڪندا هئاسين. پر هاڻ اهو اٽو ملڻ بہ مشڪل ٿي ويو هو.

***

شايد مينهن کي وسندي 20 هون ڏينهن هو. مينهن مسلسل وسي رهيو هو. ڪنهن ڪنهن مهل ڪو ٽورو گهٽو وقفو ڪيائين ٿي نہ تہ سج ايري کان وڃي سج لهندو هو ۽ رات کان وڃي صبح ٿيندو هو. ان ڏينهن اسڪول ٻاهران هڪ اين جي اوز جي گاڏي اچي بيٺي هئي. گاڏيءَ ۾ چانورن جون ٿيلهيون پريل رکيل هيون. اين جي اوز وارن جي گاڏيءَ کي

سڀ ڳوٺ وارا ڦِري ويا هئا. مان بہ وچان سڃان وڃي گاڏيءَ ۾ هٿ وڌا هيم. هر ڪنهن جون رڙيون هيون تہ مون کي ڏيو...مون کي ڏيو... پر اين جي اوز وارن جي هٿن ۾ ڪجھ ڪاغذ هئا. انهن چيو پئي تہ فارم تي صحيح ڪيو ۽ پنهنجي شناختي ڪارڊ جي ڪاپي ڏيو تہ پوءِ چانورن جي ٽيلهي ڏيون.

اهو ڏينهن تہ شايد منهنجي لاءِ عذاب جهڙو ڏينهن هو. ان ڏينهن اهو فارم ونڊي پڙهيو هيم تہ ان ۾ لکيل هو. 1 ڪلو چانور، 1 ڪلو فروٽ، نان، مرغي ۽ ٻيون ڪجھ ٻارن جون شيون لکيل هيون. ان فارم تي صحيح ونڊي ماڻهن کي صرف اڌ ڪلو واري چانورن جي ٽيلهي ڏيئي رهيا هئا. تڏهن بہ مون ان فارم تي صحيح ڪرڻ جي لاءِ ها ڪئي. صحيح ڪرڻ لاءِ اتاولو ٿيس. پر انهن جو چوڻ هو تہ پنهنجي شناختي ڪارڊ جي ڪاپي ڏيو.

ماڻهن چانورن جون ٽيلهيون ورتيون پئي. مان ڊوڙي اسڪول جي اندر پنهنجي ڪمري ۾ ويو هئس. امان جي صندوق سڃي ڦلهوري هيم پر ڪارڊ جي هڪ ڪاپي نہ ملي هئي. دل کي جهٽڪو لڳو. ڪيتري ڳولا باوجود ڪارڊ جي ڪاپي نہ لڌي هئي.

امان چيو:

"آڪاش ڪارڊ ڪٽي وڃ. ڏيکارين متان ڏين."

"امان چون ٿا تہ شناختي ڪارڊ جي ڪاپي ڏيو. اسان جمع ڪنداسين پوءِ ڏينداسين. اوريجنل تي نہ ٿا ڏين."

ڪاپي نہ هئي تہ نہ هئي.

اين جي اوز جي گاڏي وٽ آئون ۽ بابا اين جي اوز جي انچارج کي منٿون ڪري رهيا هئاسين.

"سائين اسان صفا غريب آهيون. گهر ۾ ڪائڻ لاءِ ڪجهه ڪونهي. مزدور ماڻهون آهيون. مزدوري هن موسم ۾ لڳي ئي ڪونه ٿي."
بابا چيس

هُن ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ٻئي ڳوٺاڻي کان فارم ونڊي شناختي ڪارڊ جي ڪاپي اٽيچ ڪري ان کي چانورن جي ٽيلهي ڏيڻ لاءِ ٻئي کي چيو. هو اندر گاڏيءَ ۾ ويٺل هو ۽ اسان سڀ مينهن ۾ پسي رهيا هئاسين. مينهن جون ڪڻيون اسان جي ڳلهن تان ائين لهي رهيون هيون جڙ اسان زارو قطار روئي رهيا هئاسين!

"سر. هي ڪارڊ بابا جو آهي ۽ هي منهنجو آهي" ٻئي ڪارڊ اڳيان ڪندي ڏيکاريمانس.

"هنن کي اسان ڇا ڪيون. اسان کي فوٽو ڪاپي گهرجي جيڪا هن فارم ۾ اٽيچ ڪنداسين" هُن وراڻيو

ڪجهه وقت آئون ۽ بابا ٻئي مات ٿي ويا هئاسين. ايتري ۾ هڪ ڳوٺاڻي ننڍڙي ڇوڪري گاڏي وٽ آئي هئي. پنهنجي پيءَ جو ڪارڊ ڪٽي. گاڏيءَ واري کي ڏيکاريائين. گاڏيءَ واري اهو ڇڻي واپس ڪيس تہ پنهنجي پيءُ کي موڪل.

مون کان رهيو ڪونہ ٿيو. ڇيومانس:

"سر. هن ويچاريءَ جو پيءَ هن دنيا ۾ ڪونهي. هي ۽ هن جي ماءُ اڪيليون رهن ٿيون."

هُن ننڍڙي ڇوڪريءَ کي اتان واپس موڪلي ڇڏيو هو. مون پريان ڏٺو هو تہ ان ننڍڙي ڇوڪريءَ جي ماءُ در جي لڪير مان ننڍڙيءَ کي ڏسي رهي هئي ۽ شايد ڏڻائين ٿي تہ چانورن جي ٽيلهي ملي يا نہ؟

بابا ۽ آئون اڪيلا بيٺا رهياسين

"سائين پلا هي ڪارڊ ڪٽي وڃو. اسان کي رڳو چانور جي ٽيلهي ڏيو." بابا وري چيس

"بابا توهان کي چيو آهي نہ تہ اسان کي فوٽو کاپي ڪپي"

هُن کي ڪاوڙ اچڻ لڳي هئي. اڳي ڏاڙهيءَ واري بابا کي بہ هُن دڙڪو ڏيئي ڪڍيو هو. هُن کي ڪو بہ عيب ڪونہ لڳو هو. مان مجبور ٿي بيٺو رهيس. جيڪڏهن اڄ شايد مان مجبور نہ هجان ها تہ ڪا نہ ڪا بغاوت ڪريان ها. پي نہ تڏهن بہ بابا جي ڪيل بي عزتي جو جواب ضرور ڏيان ها.

ڪجهہ ڳوناٽا چانورن جون ٽيلهيون وٺي هليا ويا هئا. آئون ۽ بابا ڏسي رهيا هئاسين. پر هنن نہ ڪئي تہ يڪي نہ ڪئي.

گاڏي ۾ اڃان بہ ڪيتريون چانورن جون ٽيلهيون پيل هيون. پر گاڏي استارٽ ٿي هلي وئي هئي.

***

اسڪول جي مين گيٽ تي بيهہ بيهہ بابا هليو ويو هو. مان امان جي سامهون خالي هٿين وڃڻ نہ ٿي چاهيم. اسڪول جي گيٽ کان ٽيندو هڪ سائيڊ ۾ وڃي گهٽو ئي رُنو هيم. وسندڙ مينهن ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڏنو بہ ٿي تہ ان کي اندازو ئي نہ هو تہ ڪو هي روئي رهيو آهي. روئڻ سان بہ ماڻهو جي اندر جو ڪجهہ نہ ڪجهہ بوجهہ تہ هلڪو ٽيندو آهي ۽ مان تہ جڏهن بہ روئندو آهيان تہ پنهنجي پاڻ کي هلڪو محسوس ڪندو آهيان. شايد درد ڳوڙهن جي واٽ ۾ لڙهي ويندا آهن. پر وري بہ انهن جو ڀج اتي ئي رهجي ويندو آهي! جيڪو منٽ منٽ تي وڌي وڻ ٿي ويندو آهي! مان ڪيڏو نازڪ ٿي ويو آهيان. روئڻ ئي منهنجي نصيب ۾ رهجي ويو هو. مان ڪجهہ بہ نہ ٿي ڪري سگهيس. جڏهن روئي روئي ڏئو ڪيو هيم تہ وسندڙ مينهن مان ئي منهن ڏوئي ڪيڏانهن هلڻ لڳو هئس.

***

ڳوٺ جي چيئرمين جي در تي وڃي پهتو هئس، در کڙکايم کير به ڪونہ نڪتو، وري کڙکايم تہ هڪ نوڪر نڪتو

پڇيائين:

"چا؟"

چيم:

"ادا غريب آهيان، چيئرمين صاحب کان مدد وٺڻ آيو آهيان، مزدور آهيان، الاءِ ڪيترن ڏينهن کان مزدوري ناهي لڳي، هن مينهن جي موسم جي ڪري مزدوري صفا بيهہ وئي آهي."

"توهان جو نالو؟" هُن پڇيو

"آڪاش" وراڻيو مانس

ڪجهہ وقت لاءِ اندر هليو ويو، ڪيتري ئي دير کان مان مينهن ۾ پُسندو رهيس، پر اندران ڪو به جواب نہ آيو، گهڻي دير کان پوءِ ساڳيو نوڪر ٻاهر آيو.

چيائين: "چيئرمين صاحب چئي ٿو تہ مون هن وقت تائين گهڻن ئي ماڻهن کي راشن ڏنو آهي، هاڻ بجيٽ ڪونهي، اڄ 10 تاريخ آهي، توهان وري پي مهيني جي 1 تاريخ تي اچجو، نئين بجيٽ ايندي تہ مان توهان کي ڏيندس"

مان تہ وري به ٻڌي ويو هئس

"سائين کي چئو رڳو 2 ڪلو اٽو ڏيو تڏهن به مهرباني ٿيندي"

وري به ماڻ ڪري اندر هليو ويو هو، گهڻي دير کان پوءِ واپس آيو ۽ چيائين:

"سائين چئي ٿو تہ هن وقت ڪجهہ به ڪونهي."

مان اڃان بينو ئي هيس تہ هو در بند ڪري هليو ويو هو.

***

مان پنهنجي زندگيءَ جو آخري فيصلو دل جي عدالت مان ونڻي. ڏينڌ جي ڪناريءَ تي اچي بيٺو هئس. جتي زندگيءَ مون کي الوداع ڪرڻ لاءِ چولين سان باءِ باءِ ڪرڻ لڳي هئي. چوليون منهنجا پير چُمي بي ترتيبي سان فنا ٿيندیون رهيون هيون. وري نئون جنم ونڊيون رهيون ۽ مون کي هڙپ ڪرڻ لاءِ ناڪام ڪوشش ڪنديون رهيون هيون. مون هڪ عجيب منظر ڏٺو هو. هڪ پکي مٿان کان غُط هٽي ڇُنهب سان پاڻيءَ پيءَ رهيو هو. ائين مسلسل هُن کي چار کان پنج غُطون هٽي پاڻي پيئندي مون ڏٺو. هُن جي طريقي مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. مون کي لڳو ته هڪ ننڍڙي پکي دشهت واري هن ڏينڌ کي مات ڏني آهي. پکي پنهنجي پيٽ لاءِ ڪجهہ ڦُڙا پاڻيءَ جا اٽڪل سان پيءَ ويو هو.

مان هيٺ جهڪيس. پٿر کنيم ۽ وري سڌو ٿي بيهہ رهيس. ڪجهہ منٽ خاموش بيهڻ کان پوءِ مون اُن پٿر کي ڏينڌ ۾ اُڇلينديءِ چيو:

"حق موجود"

پٿر سان هزارين لهرون پري پري تائين پکڙجي ويون هيون ۽ جڏ مون کي چئي رهيون هُيون:

"سدا موجود"

اُن وقت مان پنهنجي زندگيءَ ڏانهن واپس موٽي آيو هئس.

***

اسڪول واپس پهچڻ تي ڪنهن بہ مون کي عجيب نظرن سان ڪونہ ڏٺو هو. ڪنهن کي بہ ڪا بہ خبر نہ هئي تہ مان ڪيڏانهن ويو هئس ۽ ڪٿان اچان پيو. امان مون کي غور سان ڏسندي رهي هئي. جڏهن مون هُن کي ڏٺو تہ مون کي خبر پئي تہ هو منهنجي چهريءَ کي نہ پر منهنجي هٿن کي ڏسي رهي هئي. پاسي ۾ ويٺل منهنجي پيٽ ببلي بہ مون کي گهوري رهي هئي. آئون گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان هٿين خالي گهر

موٽي رهيو هئس. منهنجي هٿن ۾ سواءِ لڪيرن جي ڪجهہ بہ ناهي. ماڻهو چون ٿا تہ هٿن جي لڪيرن ۾ ڪجهہ لکيل هوندو آهي. مان بنا پڙهڻ جي بہ توهان کي ٻڌايان تہ منهنجي هٿن ۾ سواءِ دردن جي ڪجهہ بہ ناهي لکيل! منهنجي ماءُ. پيٽ ۽ بابا مون کي ڏسي ڪجهہ بہ ڪونہ پُڇيو. مان بہ ماڻ ماڻ وڃي ويهي رهيس.

***

سج شام جا ڪپڙا پاتا. ڪجهہ ڪلاڪ پنهنجي جواني ڏيکاري پوءِ رات جي حوالي پنهنجي حڪومت ڪري ڇڏيائين. رات جو انڌارو وڌندو ويو هو. چُلهہ ۾ ٽانڊا ڪونہ چمڪيا هئا. امان. ببلي. بابا ۽ مان سڀ جا سڀ اُتي ئي ويٺا رهياسين.

ڪجهہ منٽ گذرڻ کان پوءِ امان مون ڏانهن آئي. مون سندس اکين ۾ ڏٺو. جنهن ۾ ڪيترائي سوال هئا. هُن منهنجي اکين ۾ ڏٺو. جن ۾ ڪو بہ جواب نہ هو.

چيائين:

"ڪٽان کا مزدوري کانہ ملي؟"

مون کي محسوس ٿيو تہ مون کي ڪنهن ڏونڊاڙو آهي. مون کي ائين لڳي رهيو هو تہ مان خواب ڏسي رهيو آهيان. جيڪو ڏاڍو پوائتو خواب آهي!

"هاڻ تہ الله ئي وڏو آهي"

امان جي ٻي جملي تي مون کي پڪ ٿي تہ مان امان جي اڳيان ويٺل هئس. مان ڪو بہ خواب نہ ڏسي رهيو هئس. جيڪو ڪجهہ هو سڀ ڪجهہ حقيقت هو.

مون کي ڳالهائڻو پيو. پهرين تہ سوچيم تہ شايد مان گونگو ٿي ويو هئس. امان کي جواب نہ ڀئي ڏئي سگهيس. تڏهن تہ امان وري وري

ڳالهائي رهي هئي، پر جيئن مون زبان تي هڪ لفظ آندو ته مون کي خبر پئي مان گونگو بہ نہ هئس.

مون وراڻيو "نہ امان."

امان جي چهري تي بيٺل تاثر ۾ ڪو بہ لوڏو نہ آيو هو. امان سامهون بيٺي رهي، سوچيائين جام سوچيائين، پوءِ مات ڪري وڃي ويهي رهي هئي.

***

ببلي اچي منهنجي پاسي ۾ ويٺي هئي، پريان پٽ تي امان ۽ بابا ويٺا هئا. ببلي چيو:

"ادا، بُک ڇو لڳندي آهي؟"

مون ڇرڪ ڀريو، سوال جي طوفان ۾ وڃائجي ويو هئس. الاءِ ڪيترو پري هليو ويو هئس، وري بہ ببلي جي ئي جواب واپس ورايو.

"ادا، جي بُک نہ لڳي ته پوءِ پاڻ کي دنيا جي ڪابہ پريشاني نہ هجي."

مون ڪو بہ جواب نہ ڏنو. هُن جو جواب ٻڌي دنگ رهجي ويو هئس، پاڪر ۾ پري ڇُمي ڏنم، ڪجهہ منڊن لاءِ پاڪر ۾ ئي رهي.

مان ڪجهہ بہ ڳالهائي نہ سگهيو هيس.

***

شايد مينهن کي هلندي مهينو ٽيڻ وارو هو. اسان ڏاڍا پريشان ٿي ويا هئاسين. گهر ۾ ڪائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ هو. پنهنجو گهر ڏهي ويو هو. اسڪول ۾ اچي رهيا هئاسين. زندگيءَ جي هن موڙ تي مان ڏاڍو پريشان ٿي ويو هئس. مزدوري ملڻ ته ڏاڍو مشڪل ٿي پيو هو. ڪيترن ئي ڏينهن

کان مزدوري نہ ملي سگھي هئي. بابا ۽ امان ڏاڍا پريشان ٿي ويا هئا. مينهن تہ وسندو ئي رهيو هو.

***

مان پنهنجي روشنيءَ کي الاءِ کيترن ڏينهن کان نہ ڏسي سگهيو هئس. محبوب کي نہ ڏسڻ بہ کنهن قيامت کان گهٽ ٿورئي هوندو آهي. روشني. منهنجي پنهنجي روشني. مون کان پري هئي!

***

هک ڏينهن وسندڙ مينهن ۾ بہ اسکول کان ٻاهر نڪري ويو هئس. گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهہ نہ هئڻ ڪري مان برداشت ڪري نہ پئي سگهيس. مينهن ۾ مين روڊ تي هلندو رهيو هئس. سوچيندو رهيو هئس ۽ روئندو بہ رهيو هئس. شهر ڏانهن پنڌ هلڻ لڳو هئس. بي چين ٿي ويو هئس. پريشان هئس. مينهن مٿان وسي رهيو هو. وسندڙ مينهن ۾ منهنجيون اکيون بہ پنهنجي موسم ۾ خوب وسي رهيون هيون.

مين روڊ تي ڪارن ۽ ٻين گاڏين کي بہ آهستي هلندي ڏٺو هيم. وٽن کي ٽمندي ڏٺو هيم. ماڻهن کي پنڌ هلندي ڏٺو هيم ۽ ڏٺو هيم تہ هر طرف پاڻيءَ ئي پاڻي هو.

شهر پهچي هک پرائيوٽ اسکول جي استاد دوست جو در وڄي کڙڪايو هيم. پاڻ ڪونہ نڪتو هو. سندس ننڍو پاءُ نڪتو هو. پڇيو هيومانس تہ توهان جو پاءُ ڪٿي آهي. تہ ٻڌايو هيائين تہ بابا سان گڏ دڪان تي آهي. ڏس پُڄي دڪان تي هليو ويو هئس. دوست اتي ملي ويو هو. هُن سان مليس. هُن جي بابا سان بہ مليس.

ٿوري دير ڪچهري ڪري پنهنجي مقصد واري ڳالهہ ڪيم:

"سائين مون اسڪول تہ ڇڏي ڏنو هو، پر هاڻ ڪو بہ ڪم نہ پيو ملي، مينهن وسنديءَ کي بہ مهينو اڇي ٿيو آهي، جو مينهن لڳاتار وسي رهيو آهي، ان ڪري هاڻ گهر ۾ ڪائڻ لاءِ ڪجهہ ڪونهي، سڀ در آزمائي اوهان وٽ آيو آهيان."

دوست ۽ آئون هُن جي بابا سائين کان پري بينچ تي ويٺل هئاسين

دوست ڪجهہ سوچيو ۽ چيو:

"سائين، هينئر آهن بہ موڙيون، دڪان جو بہ ڏنڏو ڪونهي، اسڪول تہ مون بہ ڇڏي ڏنو اتي بہ پگهار مزي وارو هو ڪوبہ."

"اڇا توهان بہ اسڪول ڇڏي ڏنو؟"

"جي سائين"

"سائين بس مينهن جي ڪو وارو ڏي تہ ماڻهو ڪٽان نہ ڪٽان وڃي هٿ پير هڻي، پر بس الله خير ڪري"

ٿوري دير خاموش ويٺا رهياسين.

"سائين پلا ڪٽان توهان جي سڃاڻپ تي اوڌارو اٽو ڪڍائي ڏيو، مان پئسا ڏيئي ويندس."

"ها، سائين پر ڪو دڪاندار بہ اوڌر ڏي تہ؟"

الله سائين منهنجي دعا ٻڌي تہ هُن چيو:

"سائين آئون اوهان کي بہ سئو روپيا ڏيئي سگهان ٿو، اوهان هينئر وڃي پنهنجو گذارو ڪريو، پوءِ جڏهن مينهن بند ٿين تہ مون کي ڏيئي وڃجو، آئون بس ايترو ڪري سگهان ٿو"

"جي سائين جي." مون هُن جا ٿورا مڃيا

هُن مون کي پنهنجي ڪيسيءَ مان بہ سئو روپيا ڪڍي ڏنا هئا، مان بہ سئو روپيا بن پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۾ ويڙهي سيڙهي ڪيسي ۾ وڌا هئا.

***

شهر ۾ پنڌ هلندي هلندي هڪ سيڏي سامان جي دڪان تي چڙهيو هئس ۽ ٻه ڪلو اٽو ورتو هيم. ٻيو ٻه ٽورو گهٽو سامان ونڊي وڏين پلاسٽڪن جي ٿيلهين ۾ ويڙهي سيڙهي پنهنجي گهر ڏانهن واپس موٽڻ لڳو هئس.

مينهن تمام تيز ٿي ويو هو. پنڌ هلڻ ٻه هاڻ مشڪل ٿي ويو هو. پر مان آهستي آهستي گهر ڏانهن اچي رهيو هئس. اوچتو هلندي هلندي پير سِلپ ٿي ويو هو. هٿ وڃي کوڙيا هيم. پر وري ٻه سامان کي بچائي ويو هئس. اٿي بيٺو هئس. ڪجهه منٽن لاءِ بيهه ويس ۽ وري گهر ڏانهن هلڻ لڳس.

ياد آئي هيم پياري ببليءَ جي ٻُک. امان جي پريشاني ۽ بابا سائين جي مجبوري. مان مسلسل پنهنجي ڪوششن ۾ ناڪام ٿي رهيو هئس. پر اڄ مان ڪامياب ٿيو هئس. ڪجهه نه ڪجهه سامان ملي ويو هو. وري ٻه اسان جا ٽي چار ڏينهن سٺا گذرڻ جي اميد ٿي وئي هيم.

***

سوچيم هيم ته اڄ امان. بابا ۽ ببليءَ کي ماني کارائي پوءِ روشني وارن جي گهٽيءَ ۾ هليو ويندس. من ڪٽي منهنجا نصيب پلا هجن ۽ روشني ملي پوي يا ڪٽان ڪا اک ملي پوي. پڪو ارادو ڪيو هيم ته جيڪڏهن پريءَ کان ڏٽم ته پوءِ ٿهيو. جي ويجهي ڪٽي ملي وئي نه. ته پوءِ گهٽ ڪونه ڪندومانس اڄ. چوندو مانس:

"تون ٻه روشني اسان کي وساري ويهي رهي آهين. اسان کان ڪو حال پڇيو اٿي؟ مان پلا توکي ياد آهيان يا نه. توکان ايترو جلدي ڪيئن ٽوسري سگهان؟ تون ته مون کان صدين تائين ڪونه وسرندين!"

پر وري ٻه پنهنجي منهن چيو هيم:

"نہ ڑي نہ، هو ويچاري چوڪري، اسان جي ڪيئن مدد ڪندي، پر مذاق ۾ ضرور ڪندومانس."

ڏينهن ڏٺي روشنيءَ سان ملڻ جو خواب ڏسندو آيو هئس!

***

ڳوٺ پهتو هيس ۾ عجب ۾ پئجي ويو هئس، ڏٺو هيم ۾ سڀ ڳوٺاٽا مين روڊ ونڊي پڄي رهيا هئا، ننڍڙا ٻار، عورتون، پوڙها، ننڍا وڏا سڀ جا سڀ مين روڊن ڏانهن پڄي رهيا هئا، رڙيون ڪيون هيم:

"چا ٿيو...چا ٿيو...؟"

ڪنهن ويندي ويندي ٻڌايو هيم ۾ ڪٽان ڪو واهه ٽٽي پيو آهي، سڄو پاڻي ڳوٺ ۾ ڪاهي پيو آهي!

وري به رڙيون ڪيون هيم:

"امان....بابا.....ببلي...."

اسڪول ڏانهن پڳو هئس، پاڻي مون کي به پهچي ويو هو، چيلهه تائين پاڻي اچي ويو هو، پر مان پاڻيءَ کي ڏکيندو، رستو ٺاهيندو اسڪول ڏانهن وڃي رهيو هئس، اڃان به ماڻهو ڳوٺ مان نڪري رهيا هئا ۽ مون کي عجيب نظرن سان ڏسي رهيا هئا ۾ هي ڇو پيو ڳوٺ وڃي.

مان جيئن تيئن ڪري اسڪول پهتو هئس، ڏٺو هيم ۾ اسڪول ۾ ڪير به ڪونہ هو.

رُنو هيم، ڏاڍو رُنو هيم، بي انداز رُنو هيم، پاڻي مٿي چڙهندو آيو هو، مان اٿو ۽ ٻيو سامان پنهنجي ٻنهي ٻانهن سان مٿي ڪري پاڻي ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهيو هئس.

وڏي واقعي ٿي چيم:

"امان....بابا.... ببلي.... اٿو وٽي آيو آهيان... توهان ڪٿي آهيو؟"

پر ڪو بہ منهنجو جواب ڏيڻ وارو نہ هو. مان اسڪول کان ٿيندو وري مين روڊ ڏانهن پڄي رهيو هئس. سامان منهنجي هٿن ۾ هو. امان، بابا ۽ ببلي کي ڳولي رهيو هئس.

جيئن مٿي لکي آيو آهيان تہ:

"ڪروڙين چهرن کي ڏٺو هيم انهن ۾ مون کي پنهنجو ڪو بہ ڪونہ لڳو هو. لڳو هيم تہ انهن چهرن تي جدائيءَ جي دز چڙهي وئي آهي! گذريل ڀارنهن سالن کان مان خانہ بدوش ٿي ويو آهيان! اڄ بہ امان جو چهرو ياد ايندو اٿم. بابا جو پيار. ننڍڙي بَبليءَ جي مرڪ ۽ پنهنجي پهرئين ۽ آخري محبوبا جي پهرين چُمي. پنهنجي گهر جي اڳڻ ۾ بيٺل نم جي وڻ ۾ ٻڌل هُن جي پينگهہ. گهر جي ننڍڙي ڊُبي ۾ ترندڙ ننڍڙيون مڇيون. اسان جي گهر جي در تي ويهندڙ ڪُتو. ڪاوان گهر. منهنجو پنهنجو ڳوٺ. ڳوٺ جو ڪچو رستو. ڳوٺ جي وڏي ۽ پراٽي پيپر جي وڻ هيٺيان راندين رهندڙ ننڍڙا ٻار. انهن جي لاتوڙن جا خوبصورت رنگ. ڪچي رستي تي بيٺل بيد مشڪن جا ڍڳها وڻ. ننڍڙي ۽ خوبصورت ڍنڍ. جيڪا مون کي پنهنجي محبت جي وَرستي لڳندي هئي! ان ئي ڍنڍ تي مون محبت جو باب ورجائي ورجائي پڙهڻ شروع ڪيو هيو! بابا جو ريڊيو ۽ بين الاءِ ڪيترين شين کي اڄ بہ مان وساري ناهيان سگهيو. اهي منهنجي اکين ۾ زنده آهن! اهي ڪڏهن بہ منهنجي اکين جي ڪئميرائن مان ڪو ڊليٽ ڪري نہ ٿو سگهي. شايد مان پاڻ بہ نہ!"